القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله

لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي رحمه الله

پير شريف

CamScanner

اٰيَاتُهَا ٧ (١) سُوْرَةُ الْفَاتِحَةِ مَكِّيَّةٌ (٥) رُكُوْعُهَا ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله ٻاجهاري نهايت رحم واري جي نالي سان شروعات.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ ① الرَّحْمٰنِ

سڀ ساراهه الله لاءِ آهي جو. پالڻهار جهانن جو. گھڻو ٻاجھارو

سڀ ساراهه (خاص) جهانن جي پالڻهار الله کي جڳائي. (جو) ٻاجهارو

الرَّحِيْمِ ۙ ② مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ ؕ ③ اِيَّاكَ

وڏي رحم وارو. مالڪ ڏينهن حساب جو آهي. تنهنجي ئي

مهربان. قيامت جي ڏينهن جو مالڪ (آهي). تنهنجي ئي

نَعْبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ ؕ ④ اِهْدِنَا

ٻانهپ ٿا ڪريون ۽ تو کان ئي مدد ٿا گهرون. ڏيکار اسان کي

عبادت ڪيون ٿا ۽ تو کان ئي مدد گهرون ٿا. اسان کي

الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ۙ ⑤ صِرَاطَ الَّذِيْنَ

واٽ سڌي. واٽ انهن جي

سڌي واٽ ڏيکار. جا انهن جي واٽ آهي جن تي

اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ ۙ۬ غَيْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ

فضل ڪيو تو جن تي نه ڏمر پيو جن تي

فضل ڪيو اٿئي. نه انهن جي (واٽ) جن تي (تنهنجو) ڏمر ٿيل آهي ۽

وَلَا الضَّآلِّيْنَ ۧ ⑦

۽ نه گمراهه ٿيا.

نه گمراهن جي (واٽ).

ع ١

اٰيَاتُهَا ٢٨٦ ٢ سُوْرَةُ الْبَقَرَةِ مَدَنِيَّةٌ ٨٧ رُكُوْعَاتُهَا

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله ٻاجهاري نهايت رحم واري جي نالي سان شروعات.

الٓمّٓ ﴿١﴾ ذٰلِكَ الْكِتٰبُ لَا رَيْبَ فِيْهِ

الم. هي ڪتاب ناهي ڪوئي شڪ ان ۾

هيءُ ڪتاب، جنهن ۾ ڪو شڪ ڪونهي،

هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٢﴾ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ

وات ڏيکاريندڙ خدا ترسن کي جيڪي مڃين ٿا

انهن خدا ترسن کي سڌو رستو ڏيکاريندڙ آهي. جيڪي اڻ ڏٺي تي ايمان

بِالْغَيْبِ وَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَ مِمَّا

اڻ ڏٺي کي ۽ ساري پڙهن ٿا نماز ۽ ان مان جو

آڻيندا آهن ۽ نماز (ساري) پڙهندا آهن ۽ ڪين جيڪي

رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿٣﴾ وَالَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ

ڏنو اسان انهن کي خرچ ڪن ٿا. ۽ جيڪي مڃين ٿا

رزق ڏنو سين تنهن مان (الله جي راهه ۾) خرچ ڪندا آهن. ۽ اُهي (اي پيغمبر)

بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَمَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ

انکي جو نازل ڪيو ويو توڏانهن ۽ جو نازل ڪيو ويو تو کان اڳي

جيڪو (قرآن) توڏانهن لاٿو ويو ۽ جيڪي تو کان اڳ (ٻين پيغمبرن تي) لاٿو ويو

وَبِالْاٰخِرَةِ هُمْ يُوْقِنُوْنَ ﴿٤﴾

۽ ٻئي جهان تي اهي يقين رکن ٿا.

تنهن کي مڃيندا ۽ اُهي آخرت تي يقين رکندا آهن.

CamScanner

أُولَٰٓئِكَ عَلَىٰ هُدًى مِّن رَّبِّهِمْ ۖ وَأُولَٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُونَ ۝٥ إِنَّ الَّذِينَ

أهي آهن هدايت تي جا سندن رب کان آهي ۽ اُهي ئي ڪامياب آهن. بيشڪ جن

اِهي ئي (انهيءَ) سڌي واٽ تي آهن جا سندن پالڻھار کان (ڏسيل) آهي ۽ اِهي ئي ڇوٽڪاري وارا آهن. بيشڪ جن

كَفَرُوا سَوَآءٌ عَلَيْهِمْ ءَأَنذَرْتَهُمْ أَمْ لَمْ تُنذِرْهُمْ لَا يُؤْمِنُونَ ۝٦ خَتَمَ

انڪار ڪيو برابر آهي انهن لاءِ جو تون ڊيڄارين انهن کي يا نه ڊيڄارين نه مڃيندا. مُهر هڻي ڇڏي

انڪار ڪيو تن تي (اي پيغمبر!) تنهنجو کين ڊيڄارڻ يا نه ڊيڄارڻ هڪجهڙو آهي اُهي ايمان نه آڻيندا. الله سندن

اللَّهُ عَلَىٰ قُلُوبِهِمْ وَعَلَىٰ سَمْعِهِمْ ۖ وَعَلَىٰٓ أَبْصَٰرِهِمْ غِشَٰوَةٌ ۖ وَلَهُمْ

الله انهن جي دلين تي ۽ انهن جي ڪنن تي. ۽ انهن جي اکين تي آهي پردو ۽ انهن لاءِ

دلين تي ۽ سندن ڪنن تي مُهر هڻي آهي ۽ سندن اکين تي ڇوڙ پردو (چڙهيل) آهي ۽ انهن لاءِ

عَذَابٌ عَظِيمٌ ۝٧ وَمِنَ النَّاسِ مَن يَقُولُ ءَامَنَّا بِاللَّهِ وَبِالْيَوْمِ ع ۱

آهي عذاب وڏو. ۽ ڪي ماڻهو آهن جي چون ٿا ته ايمان آندو سون الله تي ۽ ڏينهن

وڏو عذاب آهي. ۽ ماڻهن مان ڪي (اهڙا) آهن. جيڪي چوندا آهن ته الله ۽ قيامت جي ڏينهن ڪي

الْءَاخِرِ وَمَا هُم بِمُؤْمِنِينَ ۝٨ يُخَٰدِعُونَ اللَّهَ وَالَّذِينَ ءَامَنُوا وَمَا وقف لازم

قيامت تي ۽ ناهن اُهي ايمان آڻيندڙ. اهي دلبو ڏين ٿا الله کي ۽ ايمان وارن کي ۽ نه ٿا

مڃيو سين ۽ حقيقت ۾ اهي مومن نه آهن. (انهيءَ ڇوڻ ڪري پنهنجي ڀانئڻ ۾) الله ۽ مومنن کي دلبو ڏيندا آهن.

يَخْدَعُونَ إِلَّآ أَنفُسَهُمْ وَمَا يَشْعُرُونَ ۝٩ فِي قُلُوبِهِم مَّرَضٌ

ٺڳي ڪن مگر پاڻ سان ۽ نٿا سمجهن. انهن جي دلين ۾ مرض آهي

۽ حقيقت ۾ پاڻ کان سواءِ (ٻئي ڪنهن کي) دلبو نه ڏيندا آهن ۽ نه سمجهندا آهن. سندين دلين ۾ (منافقيءَ جي) بيماري آهي.

فَزَادَهُمُ اللَّهُ مَرَضًا ۖ وَلَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌۢ بِمَا كَانُوا يَكْذِبُونَ ۝١٠

پوءِ وڌايو الله انهن جي مرض کي ۽ انهن لاءِ آهي عذاب ڏکوئيندڙ جو ڪوڙ هڻندا هئا.

پوءِ الله سندين بيماري وڌائي ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي، انهيءَ ڪري جو (هو) ڪوڙ ڳالهائيندا آهن.

وَإِذَا قِيلَ لَهُمْ لَا تُفْسِدُوا فِي الْأَرْضِ قَالُوٓا إِنَّمَا نَحْنُ مُصْلِحُونَ ۝١١

۽ جڏهن چئجي ٿو انهن کي ته نه وگوڙ وجهو ملڪ ۾ چون ٿا، ته رڳو اسان سڌارو آڻيندڙ آهيون.

۽ جڏهن کين چئبو آهي ته ملڪ ۾ فساد نه وجهو (تڏهن) چوندا آهن ته اسين سڌاريندڙ ئي آهيون.

أَلَآ إِنَّهُمْ هُمُ الْمُفْسِدُونَ وَلَٰكِن لَّا يَشْعُرُونَ ۝١٢ وَإِذَا قِيلَ لَهُمْ

خبردار! بيشڪ اهي ئي فساد وجهندڙ آهن پر نه ٿا سوچين، ۽ جڏهن چئجي ٿو انهن کي

خبردار! اهي پاڻ فسادي آهن، پر نه سمجهندا آهن. ۽ جڏهن کين چئبو آهي ته جهڙيءَ طرح ٻين ماڻهن

اٰمِنُوْا كَمَآ اٰمَنَ النَّاسُ قَالُوْٓا اَنُؤْمِنُ كَمَآ اٰمَنَ السُّفَهَآءُ ؕ اَلَآ اِنَّهُمْ

ايمان آڻيو جيئن ايمان آندو ماڻھن، چَوَن ٿا ڇا اسين ايمان آڻيون جيئن ايمان آندو بي سمجھن؟ خبردار! بيشڪ اھي

ايمان آندو آھي (تھڙيءَ طرح اوھين بہ) ايمان آڻيو (تڏھن) چوندا آھن تہ جيئن بي سمجھن ايمان آندو آھي، تيئن ايمان آڻيون ڇا؟ خبردار! اُھي ئي

هُمُ السُّفَهَآءُ وَلٰكِنْ لَّا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٣﴾ وَاِذَا لَقُوا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قَالُوْٓا اٰمَنَّا ۚۖ

ئي بي سمجھ آھن پر نٿا ڄاڻن. ۽ جڏھن گڏجن ٿا انھن سان جن ايمان آندو تہ چَوَن ٿا اسان ايمان آندو آھي

بي سمجھ آھن پر نہ ڄاڻندا آھن. ۽ جڏھن مومنن سان ملندا آھن (تڏھن) چوندا آھن تہ اسان ايمان آندو آھي ۽ جڏھن پنھنجن

وَاِذَا خَلَوْا اِلٰى شَيٰطِيْنِهِمْ ۙ قَالُوْٓا اِنَّا مَعَكُمْ ۙ اِنَّمَا نَحْنُ مُسْتَهْزِءُوْنَ ﴿١٤﴾

۽ جڏھن وڃن ٿا پنھنجن شيطانن ڏانھن چَوَن ٿا اسان توھان سان آھيون رڳو اسان چٿرون ٿا ڪريون.

شيطانن (سردارن) سان اڪيلو ملندا آھن (تڏھن) چوندا آھن تہ اسين (پڪ ۾) اوھان سان آھيون اسين (مومنن سان) رڳو چٿر ڪندڙ آھيون.

اَللّٰهُ يَسْتَهْزِئُ بِهِمْ وَيَمُدُّهُمْ فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿١٥﴾ اُولٰٓئِكَ

الله چٿر ٿو ڪري انھن تي ۽ ڍَر ٿو ڏئي انھن کي سندن شرارت ۾ ٿوڪرون ٿا کائين. اھي اھڙا آھن

الله انھن سان چٿر ڪندو آھي ۽ انھن کي، جو پنھنجيءَ گمراھيءَ ۾ حيران آھن، ڍيگھ ڏيندو آھي.

الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الضَّلٰلَةَ بِالْهُدٰى ۠ فَمَا رَبِحَتْ تِّجَارَتُهُمْ وَمَا كَانُوْا

جن ورتو گمراھيءَ کي ھدايت جي عِوض پوءِ نہ نفعو ڏنو واپار سندن ۽ نڪي ٿيا

اِھي اُھي آھن جن ھدايت جي بدران گمراھي ورتي (خريد ڪئي) پوءِ سندن واپار ڪين فائدو نہ ڏنو ۽ نڪي اُھي

مُهْتَدِيْنَ ﴿١٦﴾ مَثَلُهُمْ كَمَثَلِ الَّذِي اسْتَوْقَدَ نَارًا ۚ فَلَمَّآ اَضَآءَتْ

ھدايت وارا. مثال انھن جو ان جي مثال جھڙو آھي جنھن ٻاري باھ پوءِ جڏھن روشن ڪيائين

ھدايت وارا ٿيا. سندن مثال انھيءَ جي مثال جھڙو آھي جنھن باھ ٻاري، پوءِ جنھن مھل باھ پنھنجي آسپاس کي

مَا حَوْلَهٗ ذَهَبَ اللّٰهُ بِنُوْرِهِمْ وَتَرَكَهُمْ فِيْ ظُلُمٰتٍ لَّا يُبْصِرُوْنَ ﴿١٧﴾

ان جي آسپاس کي تہ گُم ڪئي الله روشني انھن جي ۽ ڇڏيائين انھن کي انڌيرين ۾ جو نہ پيا ڏسن.

روشن ڪيو (تنھن مھل) الله سندن سوجھرو اُجھايو ۽ ڪين اونداھين ۾ ڇڏي ڏنائين جو نہ ڏسن.

صُمٌّۢ بُكْمٌ عُمْيٌ فَهُمْ لَا يَرْجِعُوْنَ ﴿١٨﴾ ۙ اَوْ كَصَيِّبٍ مِّنَ السَّمَآءِ

ٻوڙا، گونگا، انڌا آھن پوءِ اھي نہ موٽندا. يا جيئن مينھن وَسي ڪڪر مان

(اھي) ٻوڙا، گونگا، انڌا آھن، پوءِ اُھي نہ موٽندا. يا (سندن مثال انھيءَ) آسماني برسات (وارن) جھڙو آھي

فِيْهِ ظُلُمٰتٌ وَّرَعْدٌ وَّبَرْقٌ ۚ يَجْعَلُوْنَ اَصَابِعَهُمْ فِيْٓ اٰذَانِهِمْ

ان ۾ ھجن اونداھيون ۽ گاج ۽ وڄ. وجھن ٿا آڱريون پنھنجون ڪنن پنھنجن ۾

جنھن ۾ اونداھيون ۽ گاج ۽ وڄ ھجي، اھي پنھنجيون آڱريون پنھنجن ڪنن ۾

CamScanner

مِّنَ الصَّوَاعِقِ حَذَرَ الْمَوْتِ ؕ وَاللّٰهُ مُحِيْطٌۢ بِالْكٰفِرِيْنَ ⑲

ڪڙڪن ڪان، پئو مرڻ جي ڪان ۽ الله گهيرو ڪندڙ آهي ڪافرن تي.

ڪڙڪن ڪان، موت جي پئو ڪري وجهن ۽ الله ڪافرن کي گهيرو ڪندڙ آهي.

يَكَادُ الْبَرْقُ يَخْطَفُ اَبْصَارَهُمْ ؕ كُلَّمَآ اَضَآءَ لَهُمْ مَّشَوْا

اجهو وڄ ٿي جهٽي سندن اکين کي، جڏهين ٻروشني ڪري ٿي انهن لاءِ تہ هلن ٿا

وڄ سندين اکين (جي سوجهري) کي اماالڪ کسڻ تي هجي! جڏهن ٻہ انهن لاءِ چمڪي (تڏهن) منجهس هلن ٿا.

فِيْهِ ۙ وَاِذَآ اَظْلَمَ عَلَيْهِمْ قَامُوْا ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَذَهَبَ

ان ۾ ۽ جڏهن اونده ڪري ٿي مٿن تہ بيهن ٿا. ۽ جيڪڏهن گهري ها الله تہ نئي ها

۽ جڏهن مٿن اونده ڪري تڏهن بيهي رهن ٿا، ۽ جيڪڏهن الله گهري ها تہ

بِسَمْعِهِمْ وَاَبْصَارِهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ ⑳ ع ع ٢ ٢

سندن ڪنن ۽ اکين کي، بيشڪ الله هر شيءِ تي سگهہ رکندڙ آهي.

سندن ٻڌڻ ۽ سندن ڏسڻ ضرور وڃائي ڇڏي ها! ڇو تہ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وسوارو آهي.

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اعْبُدُوْا رَبَّكُمُ الَّذِىْ خَلَقَكُمْ وَالَّذِيْنَ مِنْ

اي انسانو! ٻانهپ ڪريو پنهنجي پالڻهار جي جنهن پيدا ڪيو توهان کي ۽ انهن کي جي

اي انسانو! پنهنجي انهيءَ پالڻهار جي عبادت ڪريو جنهن اوهان کي ۽ جيڪي

قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ۙ ㉑ الَّذِىْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ فِرَاشًا

توهان کان اڳ هئا تہ من توهان بچي وڃو. جنهن ڪئي اوهان لاءِ ڌرتي فرش

اوهان کان اڳ هئا تن کي پيدا ڪيو تہ منَ اوهان ڊڄو. جنهن اوهان لاءِ زمين کي وڇاڻو بڻايو

وَّالسَّمَآءَ بِنَآءً ۖ وَّاَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَخْرَجَ بِهٖ مِنَ

۽ آسمان ڇت ۽ وسايو آسمان کان پاڻي پوءِ ڪڍيائين ان سان ڪيترائي

۽ آسمان کي ڇت ۽ (مينهن جو) پاڻي آسمان کان وسايائين، پوءِ ان سان (هر جنس جي) ميون منجهان

الثَّمَرٰتِ رِزْقًا لَّكُمْ ۚ فَلَا تَجْعَلُوْا لِلّٰهِ اَنْدَادًا وَّاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ㉒

ميوا توهان جي کاڌي لاءِ پوءِ نہ ڪريو الله سان ڪي برابر حالانڪ توهان ڄاڻو ٿا.

اوهان لاءِ روزي پيدا ڪيائين، پوءِ اوهين ڄاڻ هوندي الله سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪريو.

وَاِنْ كُنْتُمْ فِىْ رَيْبٍ مِّمَّا نَزَّلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا فَاْتُوْا بِسُوْرَةٍ مِّنْ

۽ جيڪڏهن آهيو توهان شڪ ۾ ان کان جيڪي لاٿو سون ٻانهي پنهنجي تي پوءِ آڻيو ڪا سورت ان

۽ پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ) تي جيڪو (قرآن) لاٿو سون تنهن کان جيڪڏهن اوهين شڪ ۾ آهيو تہ ان جهڙي

مِّثْلِهٖ ۪ وَادْعُوْا شُهَدَآءَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٢٣﴾

جهڙي ۽ سڏيو پنهنجي رهبرن کي الله کان سواءِ جيڪڏهن توهان آهيو سچا.

ڪائي سورت بڻائي آڻيو ۽ الله کان سواءِ پنهنجا مددگار (ٻ) سڏيو جيڪڏهن اوهين سچا آهيو.

فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا وَلَنْ تَفْعَلُوْا فَاتَّقُوا النَّارَ الَّتِيْ وَقُوْدُهَا

پوءِ جيڪڏهن اوهان ائين نہ ڪيو ۽ هرگز نہ ڪري سگهندؤ تہ پوءِ بچو انهيءَ باھ کان جنهن جو ٻارڻ آهن

پوءِ جيڪڏهن (ائين) نہ ڪندو ۽ ڪري بہ ڪڏهن نہ سگهندؤ تہ انهيءَ باھ کان ڊڄو جنهن جو ٻل

النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ ۖ اُعِدَّتْ لِلْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٤﴾ وَبَشِّرِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

ماڻهو ۽ پٿر اها تيار ڪئي وئي آهي ڪافرن لاءِ. ۽ خوشخبري ڏاءِ انهن کي جن ايمان آندو

ماڻهو ۽ پٿر آهن، اها نہ مڃيندڙن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي. ۽ جن ايمان آندو

وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ

۽ ڪم ڪيا چڱا تہ انهن لاءِ باغ آهن وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون.

۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي (هيءَ) خوشخبري ڏي تہ انهن لاءِ بهشت آهن، جن جي هيٺان نهرون پيون وهن.

كُلَّمَا رُزِقُوْا مِنْهَا مِنْ ثَمَرَةٍ رِّزْقًا ۙ قَالُوْا هٰذَا الَّذِيْ رُزِقْنَا

جڏهن بہ ڪين ڏنو ويندو انهن مان ڪو ميوو کائڻ لاءِ چوندا تہ هي اهو ئي آهي جو ڪارايو ويو اسان کي

جڏهن ڪڏهن ان مان ڪو بہ ميوو کاڄ لاءِ ڏنو پيو ويندن (تنهن مهل) پيا چوندا تہ هيءُ (ميوو) اُهو آهي جو اڳ اسان کي

مِنْ قَبْلُ ۙ وَاُتُوْا بِهٖ مُتَشَابِهًا ؕ وَلَهُمْ فِيْهَا اَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ ۙۗ

اڳ ۾ ۽ ملندو ڪين اهو ميوو ساڳيءَ شڪل ۾ ۽ انهن لاءِ اتي آهن زالون پاڪ

ڏنو ويو هو اُهو (شڪل ۾) هڪ جهڙو (پيو) ڏبن ۽ انهن لاءِ منجهس پاڪ زالون آهن

وَّهُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢٥﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَسْتَحْيٖٓ اَنْ يَّضْرِبَ مَثَلًا

۽ اهي اتي سدائين رهندا. بيشڪ الله نہ تو لڄ ڪري جو بيان ڪري مثال

۽ اهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن. الله مڇر ۽ اُن کان وڏيڪ (هيٺي)

مَّا بَعُوْضَةً فَمَا فَوْقَهَا ؕ فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فَيَعْلَمُوْنَ اَنَّهُ

ڪوئي، مڇر يا ان کان مٿيري شيءِ جو پوءِ جن ايمان آندو اهي ڄاڻن ٿا تہ اهو

جي مثال ڏيڻ کان حياءُ نہ ڪندو آهي، پوءِ جن ايمان آندو آهي سي (پڪ) ڄاڻندا آهن تہ

الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ۚ وَاَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَيَقُوْلُوْنَ مَاذَآ اَرَادَ اللّٰهُ

حق آهي سندن رب طرفان ۽ پر اهي جن ڪفر ڪيو سي چَون ٿا ڇا ارادو ڪيو الله

اُهو سندن پالڻهار وٽان (آيل) سچ آهي ۽ جن انڪار ڪيو سي چوندا آهن تہ هن مثال ڏيڻ مان

وقف لازم

بِهٰذَا مَثَلًا ۘ يُضِلُّ بِهٖ كَثِيْرًا ۙ وَّيَهْدِيْ بِهٖ كَثِيْرًا ۭ وَمَا يُضِلُّ

انهيءَ مثال مان؟ ڀلائي ٿو ان سان گهڻن کي ۽ رستو ڏيکاري ٿو ان سان گهڻن کي ۽ نہ ٿو ڀلائي

الله جو ڇا مطلب آهي؟ (الله) ان سببان گهڻن کي ڀلائيندو آهي ۽ ان سببان گهڻن کي سڌو رستو ڏيکاريندو آهي

بِهٖٓ اِلَّا الْفٰسِقِيْنَ ﴿٢٦﴾ ۙ الَّذِيْنَ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ

ان سان مگر بدڪارن کي، جيڪي ڀڃن ٿا الجام الله جو ان کي پڪي ڪرڻ

۽ ان سان اهڙن بي دينن کان سواءِ (ٻئي ڪنهين کي) نہ ڀلائيندو آهي جيڪي الله جو انجام اُن جي پڪي ڪرڻ کانپوءِ ڀڃندا آهن

مِيْثَاقِهٖ ۠ وَيَقْطَعُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَيُفْسِدُوْنَ

کانپوءِ ۽ ڇنن ٿا ان کي حڪم ڪيو الله جنهن جي ڳنڍڻ جو ۽ فساد ڪن ٿا

۽ الله جن (ڪمن) جي ڳنڍڻ جو حڪم ڪيو آهي تن کي ڇنندا آهن ۽ ملڪ ۾ فساد وجهندا آهن.

فِي الْاَرْضِ ۭ اُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٢٧﴾ كَيْفَ تَكْفُرُوْنَ بِاللّٰهِ

مُلڪ ۾ اهي ئي آهن ڇيهي وارا. ڪيئن ٿا انڪار ڪريو الله جو؟

اهي ئي گهاٽي وارا آهن. اوهين هن هوندي بہ الله کي ڪهڙيءَ طرح نہ ٿا مڃيو؟ جو بي ساها هيو

وَكُنْتُمْ اَمْوَاتًا فَاَحْيَاكُمْ ۚ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ ثُمَّ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٢٨﴾

هوڏانهن هيؤ توهان بي ساها پوءِ جياريائين توهان کي پوءِ ماري ٿو توهان کي پوءِ جياريندو توهان کي پوءِ ان ڏانهن موٽايا ويندؤ.

پوءِ اوهان کي جيئرو ڪيائين، وري اوهان کي ماريندو وري اوهان کي جياريندو وري ڏانهس موٽايا ويندو.

هُوَ الَّذِيْ خَلَقَ لَكُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ۤ ثُمَّ اسْتَوٰٓى

هو اهو آهي جنهن اپايو توهان لاءِ جيڪي زمين ۾ آهي سڀ پوءِ ارادو ڪيائين

اهو (الله) آهي جنهن توهان (جي فائدي) لاءِ جيڪي (شيون) زمين ۾ آهن سڀ مڙيئي پيدا ڪيون، وري آسمان ڏانهن

اِلَى السَّمَاۗءِ فَسَوّٰىهُنَّ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ ۭ وَھُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٢٩﴾ ع وَاِذْ

آسمان ڏانهن پوءِ ڪري ڇڏيائين انهن کي سَت آسمان. ۽ اهو هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. ۽ جڏهن

متوجہ ٿيو پوءِ انهن کي ست آسمان ڪري برابر بيهاريائين ۽ اهو (الله) سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰۗىِٕكَةِ اِنِّىْ جَاعِلٌ فِي الْاَرْضِ خَلِيْفَةً ۭ قَالُوْٓا

چيو تنهنجي پالڻهار فرشتن کي تہ آءٌ بڻائيندڙ آهيان زمين ۾ خليفو. چيائون

۽ (اي پيغمبر!) جڏهن تنهنجي پالڻهار ملائڪن کي چيو تہ آءٌ زمين ۾ هڪ نائب مقرر ڪرڻ وارو آهيان.

اَتَجْعَلُ فِيْهَا مَنْ يُّفْسِدُ فِيْهَا وَيَسْفِكُ الدِّمَاۗءَ ۚ وَنَحْنُ نُسَبِّحُ

ڇا بڻائين ٿو ان ۾ جيڪو وڳوڙ وجهي اتي ۽ رتو ڇاڻ ڪري؟ ۽ اسان پاڪائي بيان ڪريون ٿا

(تڏهن) چيائون تہ (تون) منجهس اهڙي کي ڇو ٿو پيدا ڪرين؟ جو منجهس فساد ڪندو ۽ (ناحق) رت هاريندو ۽ اسين

بِحَمْدِكَ وَنُقَدِّسُ لَكَ ۭ قَالَ اِنِّىْٓ اَعْلَمُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ۝٣٠ وَعَلَّمَ
تعريف تنهنجي سان ۽ پاڪائي ڪريون ٿا تولاءِ، فرمايائين مون ڄاڻان ٿو جيڪي توهان نٿا ڄاڻو. ۽ سيکاريائين
تنهنجي ساراهه سان (سندءِ) پاڪائي واکاڻيون ٿا ۽ توکي پاڪ ڪري مڃيون ٿا، فرمايائين ته جيڪي توهان نه ڄاڻندا آهيو سو آءٌ ڄاڻندو آهيان.

اٰدَمَ الْاَسْمَاۗءَ كُلَّهَا ثُمَّ عَرَضَهُمْ عَلَي الْمَلٰۗىِٕكَةِ ۙ فَقَالَ اَنْۢبِــُٔوْنِىْ
آدم کي نالا سمورا پوءِ سامهون آندائين انهن کي ملائڪن تي پوءِ چيائين ٻڌايو مون کي
۽ (الله) آدم کي سڀئي نالا سيکاريا، وري اُهي (پيدا لاءِ) ملائڪن جي آڏو ڪيائين پوءِ فرمايائين ته جيڪڏهن

بِاَسْمَاۗءِ هٰٓؤُلَاۗءِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ۝٣١ قَالُوْا سُبْحٰنَكَ لَا عِلْمَ لَنَآ
نالا هنن جا جيڪڏهن اوهين سچا آهيو. چيائون تون پاڪ آهين نه آهي ڪا ڄاڻ اسان کي
سچا آهيو ته هنن جا نالا ڏسيوم؟. چيائون ته تون پاڪ آهين جيڪي اسان کي ڄاڻايو اٿئي تنهن ڪانسواءِ

اِلَّا مَا عَلَّمْتَنَا ۭ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ۝٣٢ قَالَ يٰٓاٰدَمُ اَنْۢبِئْهُمْ
مگر جيترو تو اسان کي سيکاريو بيشڪ تون ئي خوب ڄاڻندڙ پڪي ڪم وارو آهين. فرمايائين اي آدم! تون ٻڌاءِ هنن کي
اسان کي (ٻي) ڪا خبر نه آهي، ڇو ته تون ئي ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهين (الله) چيو ته اي آدم!

بِاَسْمَاۗىِٕهِمْ ۚ فَلَمَّآ اَنْۢبَاَھُمْ بِاَسْمَاۗىِٕهِمْ ۙ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ اِنِّىْٓ
نالا انهن جا پوءِ جڏهن کين ٻڌايائين انهن جا نالا ته فرمايائين ڇا ڪونه چيو هيم توهان کي ته آءٌ ئي
انهن جا نالا کين ڏسِ! پوءِ جڏهن کين انهن جا نالا ڏسيائين (تڏهن الله) چيو ته اوهان کي نه چيو هوم ڇا؟

اَعْلَمُ غَيْبَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۙ وَاَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ وَمَا كُنْتُمْ
ڄاڻان ٿو ڳجهه آسمانن ۽ زمين جو ۽ آءٌ ڄاڻان ٿو جيڪي توهان ظاهر ڪريو ٿا ۽ جيڪي پيا
ته آءٌ ئي آسمانن ۽ زمين جو ڳجهه ڄاڻندو آهيان ۽ جيڪي پڌرو ڪيو ٿا ۽ جيڪي لڪايو ٿا سو به ڄاڻندو آهيان.

تَكْتُمُوْنَ ۝٣٣ وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰۗىِٕكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ۭ
لڪايو. ۽ جڏهن چيوسون فرشتن کي ته سجدو ڪريو آدم ڏانهن پوءِ انهن سجدو ڪيو مگر شيطان،
۽ (اي پيغمبر!) جڏهن ملائڪن کي چيوسون ته آدم کي سجدو ڪريو، تڏهن شيطان ڌاران (ٻين)

اَبٰى وَاسْتَكْبَرَ ڽ وَكَانَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ ۝٣٤ وَقُلْنَا يٰٓاٰدَمُ اسْكُنْ اَنْتَ
ان انڪار ڪيو ۽ وڏائي ڪئي ۽ هئو ڪافرن مان، ۽ اسان چيو ته اي آدم! ٽڪي پؤ تون
سجدو ڪيو هن انڪار ڪيو ۽ هٺ ڪيائين ۽ ڪافرن مان ٿيو. ۽ چيوسون ته اي آدم! تون

وَزَوْجُكَ الْجَنَّةَ وَكُلَا مِنْهَا رَغَدًا حَيْثُ شِئْتُمَا ۠ وَلَا تَقْرَبَا هٰذِهِ
۽ تنهنجي زال جنت ۾ ۽ کائو ان مان مزي سان جتان چاهيو ۽ نه ويجها ٿجو هن
۽ تنهنجي زال بهشت ۾ رهو ۽ جتان وڻيوَ اُتان مزي سان کائو ۽ هن وڻ کي ويجها نه وڃجو نه ته

CS CamScanner

الشَّجَرَةَ فَتَكُوْنَا مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٣٥﴾ فَاَزَلَّهُمَا الشَّيْطٰنُ عَنْهَا فَاَخْرَجَهُمَا
وڻ کي پوءِ ٿيندؤ ظالمن مان. پوءِ ترڪايو انهن ٻنهي کي شيطان اتان پوءِ ڪڍيائين ٻنهي کي
ظالمن مان (شمار) ٿيندؤ. پوءِ شيطان اُتاهون انهن کي ٿيڙيو پوءِ جنهن (مزي) ۾ هئا تنهن مان کين (ٻاهر) ڪڍيائين

مِمَّا كَانَا فِيْهِ ۠ وَقُلْنَا اهْبِطُوْا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ۚ وَلَكُمْ
ان مان جنهن ۾ هئا ۽ چيوسون هيٺ لهو اوهين هڪ ٻئي جا ويري آهيو ۽ اوهان لاءِ
۽ چيوسون ته (بهشت مان) نڪري هيٺ ٿيو، اوهين هڪ ٻئي جا ويري آهيو ۽ اوهان لاءِ ڪنهن وقت

فِي الْاَرْضِ مُسْتَقَرٌّ وَّمَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ ﴿٣٦﴾ فَتَلَقّٰٓى اٰدَمُ مِنْ رَّبِّهٖ كَلِمٰتٍ
زمين ۾ رهڻ جي جاءِ ۽ سامان آهي ڪنهن وقت تائين. پوءِ سکي ورتا آدم پنهنجي پالينڌڙ کان ڪي لفظ
تائين زمين ۾ رهڻ جو هنڌ ۽ (گذران جو) سامان (ٺهرايل) آهي. پوءِ آدم پنهنجي پالڻهار وٽان ڪي لفظ سکيا

فَتَابَ عَلَيْهِ ۭ اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿٣٧﴾ قُلْنَا اهْبِطُوْا مِنْهَا جَمِيْعًا ۚ
پوءِ ان مهر ڪئي مٿس، بيشڪ اهو معاف ڪندڙ مهربان آهي. اسان چيو ته لهي وڃو ان مان سمورا،
پوءِ (الله) مٿس ٻاجهه ڪئي، ڇو ته اُهو ئي معافي ڏيندڙ مهربان آهي. چيوسون ته منجهائنس سڀ لهي هيٺ ٿيو!

فَاِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ مِّنِّىْ هُدًى فَمَنْ تَبِعَ هُدَاىَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ
پوءِ جيڪڏهن اچي اوهان وٽ مون کان هدايت پوءِ جيڪي هليا ڏس منهنجي تي پوءِ ناهي ڊپ انهن تي
پوءِ جڏهن مون وٽان اوهان وٽ ڪا هدايت اچي تڏهن جيڪي منهنجيءَ هدايت تي هلندا تن کي ڪو ڊپ ڪونهي

وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٣٨﴾ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰۗىِٕكَ
۽ نه ڪي اهي ڏکارا ٿيندا. ۽ جن انڪار ڪيو ۽ ڪوڙو ڪيو اسانجي آيتن کي اهي آهن
۽ نڪي اُهي غمگين ٿيندا. ۽ جن نه مڃيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڄاتو، سي دوزخي آهن،

اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٣٩﴾ يٰبَنِىْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِىَ الَّتِىْٓ ع ٤
دوزخي اهي ان ۾ پيا هوندا. اي يعقوب جي اولاد! ياد ڪريو ڳڻ منهنجو جيڪو
اهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن. اي اسرائيل جو اولاد! اُهي منهنجا ڳڻ ياد ڪريو. جيڪي

اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَاَوْفُوْا بِعَهْدِىْٓ اُوْفِ بِعَهْدِكُمْ ۚ وَاِيَّاىَ
مون ڪيو توهان تي ۽ پاڙيو انجام منهنجو ته مان پاڙيان انجام توهان جي ڪي ۽ مون کان
مون توهان تي ڪيا ۽ منهنجو انجام پاڙيو ته آءٌ (به) اوهان جو انجام پاڙيان ۽ رڳو مون کان ڊپ رکو.

فَارْهَبُوْنِ ﴿٤٠﴾ وَاٰمِنُوْا بِمَآ اَنْزَلْتُ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَكُمْ وَلَا تَكُوْنُوْٓا اَوَّلَ
ئي ڊڄو. ۽ مڃيو الڪي جيڪي مون لاٿو سچو ڪندڙ ڪري توهان واري کي ۽ نه ٿيو توهان پهريان
۽ (اي بني اسرائيلو!) جيڪي اوهان وٽ آهي (يعني توريت) تنهن کي سچو ڪندڙ جيڪو (قرآن محمد ﷺ تي) لاٿم تنهن کي مڃيو ۽

كَافِرٍۭ بِهٖ ۖ وَلَا تَشْتَرُوْا بِاٰيٰتِيْ ثَمَنًا قَلِيْلًا ۡ وَّاِيَّايَ فَاتَّقُوْنِ ﴿٤١﴾ وَلَا تَلْبِسُوا
منڪر ان جا ۽ نه وٺو منهنجي آيتن تي مُلهه ڪجهه ۽ مون کان ئي ڊڄو ڪريو. ۽ نه ملايو
ان جا پهريان منڪر نه ٿيو ۽ منهنجين آيتن کي (دنيا جي) ٿوري ملهه سان نه وڪڻو ۽ رڳو مون کان ڊڄو.

الْحَقَّ بِالْبَاطِلِ وَتَكْتُمُوا الْحَقَّ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٤٢﴾ وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ
سچ کي ڪوڙ سان ۽ نه لڪايو سچ کي حالانڪ توهان ڄاڻو ٿا. ۽ پڙهو نماز
۽ سچ کي ڪوڙ سان نه ملايو ۽ نڪي اوهين ڄاڻ هوندي به سچ لڪايو. ۽ نماز پڙهو

وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَارْكَعُوْا مَعَ الرّٰكِعِيْنَ ﴿٤٣﴾ اَتَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبِرِّ وَ
۽ ڏيو زڪوات ۽ رڪوع ڪريو رڪوع ڪندڙن سان. ڇا توهان حڪم ڪريو ٿا ماڻهن کي چڱائي جو ۽
۽ زڪوات ڏيو ۽ رڪوع ڪندڙن سان گڏجي رڪوع ڪريو. ماڻهن کي چڱائيءَ جو حڪم ڪريو ٿا؟

تَنْسَوْنَ اَنْفُسَكُمْ وَاَنْتُمْ تَتْلُوْنَ الْكِتٰبَ ۭ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٤٤﴾ وَاسْتَعِيْنُوْا
وساريو ٿا پاڻ کي هوڏانهن توهان پڙهو ٿا ڪتاب ڇا پوءِ عقل نه ٿا ڪريو. ۽ مدد وٺو
۽ پاڻ کي وساريو ٿا هن هوندي به جو توهين ڪتاب پڙهو ٿا، پوءِ ڇو نه ٿا سمجهو؟ ۽

بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ ۭ وَاِنَّهَا لَكَبِيْرَةٌ اِلَّا عَلَى الْخٰشِعِيْنَ ﴿٤٥﴾ ۙ الَّذِيْنَ
سهپ ۽ نماز سان ۽ بيشڪ اها ڳري آهي مگر نيازمندن تي. جيڪي
صبر ۽ نماز سان سهارو وٺو، ۽ اها انهن عاجزي ڪندڙن کان سواءِ ٻين کي ضرور ڏکي (لڳندي) آهي. جيڪي

ع ٥ ٧ ٥ يَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلٰقُوْا رَبِّهِمْ وَاَنَّهُمْ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ ﴿٤٦﴾ ع يٰبَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ
يائن ٿا ته اهي ملڻا آهن پنهنجي رب سان ۽ اهي ان ڏانهن موٽڻا آهن. اي آلِ يعقوب!
پڪ ڀائيندا آهن ته اهي پنهنجي پالڻهار کي ملڻ وارا آهن ۽ اهي ڏانهنس موٽڻ وارا آهن. اي بني اسرائيلو!

اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَاَنِّيْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٧﴾
ياد ڪريو منهنجو احسان جو ڪيو مون توهان تي ۽ بيشڪ آءٌ پلاروڪيم توهان کي سيني قومن تي.
اهي منهنجا ڳڻ ياد ڪريو جيڪي مون اوهان تي ڪيا ۽ مون اوهان کي جهان (وارن) تي سڳورو ڪيو.

وَاتَّقُوْا يَوْمًا لَّا تَجْزِيْ نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَيْـــًٔا وَّلَا يُقْبَلُ مِنْهَا
۽ ڊڄو ان ڏينهن کان جو نه تاريندو ڪو ماڻهو ڪنهن کان ڪجهه به ۽ نه قبول ڪئي ويندي ان جي
۽ انهيءَ ڏينهن کان ڊڄو جنهن ۾ ڪو (به) ڪنهن کان ڪجهه به ٽاري نه سگهندو ۽ نڪي ڪانئس ڪا پارت

شَفَاعَةٌ وَّلَا يُؤْخَذُ مِنْهَا عَدْلٌ وَّلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَاِذْ
ڪا سفارش ۽ نه ورتو ويندو ان کان ڪو عوض ۽ نڪي اهي مدد ڪيا ويندا. ۽ جڏهن
قبول ڪبي ۽ نڪي ڪانئس ڪو عيوض وٺبو ۽ نڪي کين مدد ڏبي. ۽ (هي ڳڻ به ياد ڪريو) ته

CamScanner

نَجَّيْنٰكُمْ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ يُذَبِّحُوْنَ
ڇڏايو اسان توهانکي فرعون وارن کان جو پهچائن پيا توهان کي بڇڙو عذاب ڪُهن پيا
جڏهن اوهان کي فرعون جي ماڻهن کان ڇڏايوسون، جيڪي اوهان کي ڏاڍو ايذاءُ ڇڪائيندا هئا جو اوهان جا
اَبْنَآءَكُمْ وَيَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ ؕ وَفِيْ ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ
توهان جي پٽن کي ۽ جيئرو پيا ڇڏين اوهانجي عورتن کي ۽ ان (ڇڏائڻ) ۾ مدد هئي توهان جي رب کان
پٽ ڪُهندا هُئا ۽ اوهان جون ڏيئرون جيئريون ڇڏيندا هئا، ۽ اُن ۾ اوهان جي پالڻهار کان اوهان لاءِ
عَظِيْمٌ ﴿٤٩﴾ وَاِذْ فَرَقْنَا بِكُمُ الْبَحْرَ فَاَنْجَيْنٰكُمْ وَاَغْرَقْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ
وڏي. ۽ جڏهن چيريوسون اوهان لاءِ سمنڊ کي پوءِ بچايوسون توهانکي ۽ ٻوڙيوسون فرعون وارن کي
وڏي پرک هئي. ۽ (ياد ڪريو ته) جڏهن اوهان لاءِ سمنڊ کي چيريوسون پوءِ اوهان کي (ٻڏڻ کان) بچايوسون ۽ فرعون جي ماڻهن کي ٻوڙيوسون
وَاَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿٥٠﴾ وَاِذْ وٰعَدْنَا مُوْسٰٓى اَرْبَعِيْنَ لَيْلَةً ثُمَّ
۽ توهان پئي ڏٺو. ۽ جڏهن وعدو ڪيوسون موسيٰ سان چاليهن راتين جو پوءِ
۽ اوهين ڏسندا رهيوَ. ۽ (ياد ڪريو) جڏهن موسيٰ کي چاليهن راتين جو انجام ڏنوسون وري
اتَّخَذْتُمُ الْعِجْلَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَاَنْتُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿٥١﴾ ثُمَّ عَفَوْنَا عَنْكُمْ
بڻايو توهان گابو ان کان پُٺيان ۽ توهان ظالم ئي پيا. پوءِ معاف ڪيوسون توهان کي
ان (جي وڃڻ) کانپوءِ گابي کي (خدا ڪري) ورتوَ ۽ اوهين ظلم ڪندڙ هيوَ. وري ان کان پوءِ اوهان کي
مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٥٢﴾ وَاِذْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ
ان کان پوءِ به ته من توهان شڪر ڪريو. ۽ جڏهن ڏنوسون موسيٰ کي ڪتاب
معاف ڪيوسون ته مَن اوهين شڪرانو ڪريو. ۽ (ياد ڪريو ته) جڏهن موسيٰ کي ڪتاب ۽ (سچ ۽ ڪوڙ جي
وَالْفُرْقَانَ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿٥٣﴾ وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ
۽ فيصلي ڪندڙ بيان ته من توهان سِڌو رستو وٺو. ۽ جڏهن چيو موسيٰ پنهنجي قوم کي اي منهنجي قوم!
وچ ۾) سنڌو وجهندڙ ڏنوسين ته مَن اوهين هدايت وارا ٿيو. ۽ (ياد ڪريو ته) جڏهن موسيٰ پنهنجيءَ قوم کي چيو ته. اي منهنجي قوم!
اِنَّكُمْ ظَلَمْتُمْ اَنْفُسَكُمْ بِاتِّخَاذِكُمُ الْعِجْلَ فَتُوْبُوْٓا اِلٰى بَارِئِكُمْ
بيشڪ اوهان ظلم ڪيو آهي پاڻ تي بڻائي هن گابي کي پوءِ موٽو پنهنجي پيدا ڪندڙ ڏانهن
اوهان گابي کي خدا ڪري وٺڻ سببان پاڻ تي ظلم ڪيو آهي! تنهن ڪري پنهنجي پيدا ڪندڙ ڏانهن موٽو
فَاقْتُلُوْٓا اَنْفُسَكُمْ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ عِنْدَ بَارِئِكُمْ ؕ فَتَابَ عَلَيْكُمْ ؕ
۽ قتل ڪريو پاڻ کي اهو ڀلو آهي توهان لاءِ توهانجي خالق وٽ پوءِ مهربان ٿيو توهان تي
۽ پاڻ کي ڪُهو، اهو اوهان لاءِ توهان جي پيدا ڪندڙ وٽ چڱو آهي، پوءِ اوهان تي ٻاجهه ڪيائين.

اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿٥٤﴾ وَاِذْ قُلْتُمْ يٰمُوْسٰى لَنْ نُّؤْمِنَ لَكَ
بيشڪ اهوئي معاف ڪندڙ نهايت مهربان آهي. ۽ جڏهن توهان چيو اي موسيٰ! هرگز نہ يقين ڪنداسون توتي
ڇو تہ اهو ئي معافي ڏيندڙ مهربان آهي. ۽ (ياد ڪريو) جڏهن اوهان چيو تہ اي موسيٰ! جيستائين الله ڇتو (نہ)

حَتّٰى نَرَى اللّٰهَ جَهْرَةً فَاَخَذَتْكُمُ الصّٰعِقَةُ وَاَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿٥٥﴾
جيستائين ڏسون الله کي پڌرو پوءِ ورتو توهان کي وڄ ۽ توهان ڏسو پيا.
ڏسنداسون تيستائين توکي ڪڏهن بہ نہ مڃينداسون. پوءِ اوهان تي وڄ اچي ڪڙڪي ۽ اوهين ڏسندا رهيَو.

ثُمَّ بَعَثْنٰكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَوْتِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٥٦﴾ وَظَلَّلْنَا
وري اُٿاريو سون توهانکي بعد مرڻ توهان جي تہ من توهان احسان مڃيو. ۽ ڇانوَ ڪيا سي
وري اوهان جي مرڻ کان پوءِ اوهان کي جيئرو ڪيوسون تہ مَن اوهين شڪرانو ڪريو. ۽ اوهان تي

عَلَيْكُمُ الْغَمَامَ وَاَنْزَلْنَا عَلَيْكُمُ الْمَنَّ وَالسَّلْوٰى ؕ كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ
اوهان تي ڪڪر ۽ لاٿا سي توهان تي ڪڪر ۽ ٻٽيرا کائو سٺيون شيون
ڪڪر جي ڇانوَ ڪئي سون ۽ اوهان تي شڪر ۽ ٻٽيرا لاٿاسون، تہ جيڪي

مَا رَزَقْنٰكُمْ ؕ وَمَا ظَلَمُوْنَا وَلٰكِنْ كَانُوْۤا اَنْفُسَهُمْ
جيڪي ڏنيون سي توهان کي ۽ نہ نقصان ڪيائون اسانجو پر اهي پنهنجو ئي
اوهان کي سٺين شين مان رزق ڏنوسون سو کائو. ۽ اسان تي (ڪوبہ) ظلم نہ ڪيائون، پر پاڻ تي

يَظْلِمُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَاِذْ قُلْنَا ادْخُلُوْا هٰذِهِ الْقَرْيَةَ فَكُلُوْا مِنْهَا حَيْثُ
نقصان ڪندا رهيا. ۽ جڏهن چيوسون گهڙو توهان هن شهر ۾ پوءِ کائو اُتان جتان
ظلم ڪندا هئا. ۽ جڏهن چيوسون تہ هن ڳوٺ ۾ گهڙو پوءِ منجهائنس جتان وڻيوَ تتان مزي سان کائو

شِئْتُمْ رَغَدًا وَّادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا وَّقُوْلُوْا حِطَّةٌ نَّغْفِرْ لَكُمْ
چاهيو مزي سان ۽ لنگهو دروازي کان سجدو ڪندي ۽ چئجو "بخش ڪر" تہ معاف ڪنداسون اوهان کي
۽ دروازي کان (سجدي وانگر) نوڙي لنگهو ۽ چئو تہ اسان جا ڏوهہ بخش! تہ اوهان جون مدايون اوهان کي بخشون

خَطٰيٰكُمْ ؕ وَسَنَزِيْدُ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٥٨﴾ فَبَدَّلَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا قَوْلًا
خطائون اوهان جون ۽ زياده ڏينداسون نيڪي ڪندڙن کي. پوءِ مٽائي ڪئي انهن جن ظلم ڪيو ٻي ڳالهہ
۽ چڱائي ڪندڙن کي سگهو وڌائينداسون. پوءِ (انهن) ظالمن جيڪي کين چيو ويو هو تنهن کي

غَيْرَ الَّذِيْ قِيْلَ لَهُمْ فَاَنْزَلْنَا عَلَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا رِجْزًا
ان کان سواءِ جا ڪين چئي وئي پوءِ لاٿو سون مٿان انهن تي جن ظلم ڪيو عذاب
مٽائي ٻيو چوڻ چيو پوءِ (انهن) ظالمن تي سندن بڇڙي هجڻ سببان آسمان کان

ع ٦

مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ع ﴿٥٩﴾ وَاِذِ اسْتَسْقٰى مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ

آسمان کان هن ڪري جو بي فرماني ڪندا هئا. ۽ جڏهن پاڻي گهريو موسيٰ پنهنجي ماڻهن لاءِ

عذاب لاٿوسون. ۽ (ياد ڪريو) جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم لاءِ پاڻي گهريو تڏهن

فَقُلْنَا اضْرِبْ بِّعَصَاكَ الْحَجَرَ ؕ فَانْفَجَرَتْ مِنْهُ اثْنَتَا عَشْرَةَ

پوءِ چيوسون هڻ پنهنجي لٺ پٿر کي پوءِ ڦُٽي نڪتا ان مان ٻارهن

چيوسون ته "پنهنجي لٺ پهڻ کي هڻ!" پوءِ منجهانئس ٻارهن چشما ڦاٽي نڪتا

عَيْنًا ؕ قَدْ عَلِمَ كُلُّ اُنَاسٍ مَّشْرَبَهُمْ ؕ كُلُوْا وَاشْرَبُوْا مِنْ رِّزْقِ اللّٰهِ

چشما سڃاتي ورتي هر قبيلي پنهنجي پيچ ڪائو ۽ پيئو الله جي ڏني مان

سڀ ڪنهن ماڻهو بي شڪ پنهنجو ترُ سڃاتو، (چيوسون ته) الله جي رزق مان ڪائو ۽ پيئو

وَلَا تَعْثَوْا فِى الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿٦٠﴾ وَاِذْ قُلْتُمْ يٰمُوْسٰى لَنْ

۽ نه ڦرو زمين ۾ فساد ڪندڙ ٿي ۽ جڏهن توهان چيو اي موسيٰ! هرگز

۽ زمين ۾ فسادي ٿي بگيڙ نه وجهو. ۽ جڏهن چيوَ ته اي موسيٰ!

نَّصْبِرَ عَلٰى طَعَامٍ وَّاحِدٍ فَادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُخْرِجْ لَنَا مِمَّا تُنْۢبِتُ

بس نه ڪنداسون ڪاڌي هڪڙي تي دعا گهُر اسان لاءِ پنهنجي رب کان ته پيدا ڪري اسان لاءِ جيڪي ڄمائيندي آهي

هڪ طعام تي ڪڏهن نه صبر ڪنداسون، تنهن ڪري پنهنجي پالڻهار کان اسان لاءِ (دعا) گهر ته زمين جيڪا

الْاَرْضُ مِنْۢ بَقْلِهَا وَقِثَّآئِهَا وَفُوْمِهَا وَعَدَسِهَا وَبَصَلِهَا ؕ

زمين پنهنجو ساڳ ۽ پنهنجا بادرنگ ۽ پنهنجي ڪڻڪ ۽ پنهنجي دال ۽ پنهنجا بصر.

پنهنجي سبزي ۽ پنهنجيون ونگيون ۽ پنهنجي ثوم ۽ پنهنجي مَهري (دال) ۽ پنهنجا بصر ڄمائيندي آهي

قَالَ اَتَسْتَبْدِلُوْنَ الَّذِىْ هُوَ اَدْنٰى بِالَّذِىْ هُوَ خَيْرٌ ؕ اِهْبِطُوْا

فرمايائين ڇا مٽائي ٿا وٺو جيڪو اهو سادو آهي اُن جي عوض جو تمام سٺو آهي لهي پئو

سي اسان لاءِ پيدا ڪري، چيائين ته جيڪي (شيون) چڱيون آهن سي سادين سان ڇو ٿا مٽايو؟ (جي نه ٿا رهو ته)

مِصْرًا فَاِنَّ لَكُمْ مَّا سَاَلْتُمْ ؕ وَضُرِبَتْ عَلَيْهِمُ الذِّلَّةُ وَالْمَسْكَنَةُ ق

ڪنهن شهر ۾ ته ملندو توهان کي جيڪي گهُريو اٿوَ ۽ هنئي وئي انهن تي خواري ۽ تنگي

ڪنهن شهر ۾ لهي وڃو پوءِ جيڪي گهرو ٿا سو سڀ اوهان لاءِ (اُتي موجود) آهي ۽ خواري ۽ محتاجي مٿن

وَبَآءُوْ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ

۽ موٽيا ڏمر الله جي سان، اهو هن ڪري جو نه مڃيندا هئا حڪمن

هنئي وئي ۽ الله جي ڏمر هيٺ وريا. اهو هن ڪري آهي جو انهن الله جي حڪمن کي نه ٿي مڃيو

اللّٰهِ وَيَقْتُلُوْنَ النَّبِيّٖنَ بِغَيْرِ الْحَقِّ ؕ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّكَانُوْا
اللہ جي کي ۽ قتل ڪندا هئا نبين کي نا حق سان، اهو هن ڪري جو بي فرمان ٿيا ۽ حد کان
۽ پيغمبرن کي ناحق ٿي ڪُهائون، اهو ڪم بي فرمانيءَ سببان ٿي ڪيائون ۽ حد کان
يَعْتَدُوْنَ ﴿٦١﴾ ع اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَالَّذِيْنَ هَادُوْا وَالنَّصٰرٰى وَ
لنگهي ويندا هئا. بيشڪ جيڪي مسلمان ٿيا ۽ جيڪي يهودي ٿيا ۽ عيسائي ۽
لنگهندڙ هئا. بيشڪ مومنن ۽ يهودين ۽ نصارن ۽
الصّٰبِـِٕيْنَ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَهُمْ
ستارن جا پوڄاري جن بہ يقين ڪيو الله تي ۽ ڏينهن قيامت تي ۽ ڪم ڪيا چڱا پوءِ انهن لاءِ
صابئين منجهان جن الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ
اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٦٢﴾
اجر آهي سندن پالڻهار وٽ ۽ ناهي ڪو ڊپ انهن تي ۽ نہ ڪي اهي ڏکارا ٿيندا.
سندن پالڻهار وٽ سندن اجر آهي، ۽ ڪين نڪو ڀئو آهي ۽ نڪي اهي غمگين ٿيندا.
وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَكُمْ وَرَفَعْنَا فَوْقَكُمُ الطُّوْرَ ؕ خُذُوْا مَاۤ اٰتَيْنٰكُمْ
۽ جڏهن ورتوسون انجام اوهان کان ۽ ڪڙوڪيوسون اوهانجي مٿان جبل کي، وٺو جيڪي ڏنوسون توهان کي
۽ جڏهن اوهان کان انجام ورتوسون ۽ اوهان جي مٿان (جبل) طور کي ڪڙو ڪيوسون، (تڏهن چيوسون تہ) جيڪو
بِقُوَّةٍ وَّاذْكُرُوْا مَا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿٦٣﴾ ثُمَّ تَوَلَّيْتُمْ مِّنْۢ
سوگهو ڪري ۽ ياد ڪريو جيڪي ان ۾ آهي تہ من توهان پرهيزگار ٿيو. وري ڦري ويؤ توهان ان
(توريت) اوهان کي ڏنوسون سو سوگهو ڪري وٺو ۽ جيڪي منجهس آهي سو ياد ڪريو مَن اوهين ڏڄو. وري ان کان پوءِ
بَعْدِ ذٰلِكَ ۚ فَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ لَكُنْتُمْ مِّنَ
کان بعد، پوءِ جيڪڏهن نہ هجي ها ڀلائي الله جي توهان تي ۽ ٻاجهہ ان جي تہ ٿيو ها
اوهين ڦريو پوءِ جيڪڏهن اوهان تي الله جو فضل ۽ سندس ٻاجهہ نہ ٿئي ها تہ اوهين ضرور
الْخٰسِرِيْنَ ﴿٦٤﴾ وَلَقَدْ عَلِمْتُمُ الَّذِيْنَ اعْتَدَوْا مِنْكُمْ فِى السَّبْتِ
ڇيهي وارن مان. ۽ بيشڪ توهان ڄاتو انهن کي جن زيادتي ڪئي توهان مان ڇنڇر ۾
نقصان وارن مان ٿيو ها. ۽ انهن کي بيشڪ ڄاتو اٿو جيڪي اوهان مان ڇنڇر بابت حد کان لنگهيا
فَقُلْنَا لَهُمْ كُوْنُوْا قِرَدَةً خٰسِـِٕيْنَ ﴿٦٥﴾ ۚ فَجَعَلْنٰهَا نَكَالًا لِّمَا بَيْنَ
پوءِ چيوسون انهن کي ٿي پئو ڀولا ذليل. پوءِ بڻايوسين ان واقعي کي دهشت اتي جي
پوءِ ڪين چيوسون تہ خسيس ڀولڙا ٿي پئوا. پوءِ ان (قصي) کي ان ڳوٺ جي

يَدَيْهَا وَمَا خَلْفَهَا وَمَوْعِظَةً لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٦٦﴾ وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى
حاضرن لاءِ ۽ پوين لاءِ ۽ نصيحت خدا ترسن لاءِ. ۽ جڏهن چيو موسيٰ
آسپاس وارن ۽ انهن جي پوين لاءِ عبرت ۽ خدا ترسن لاءِ نصيحت ڪئي سون. ۽ جڏهن موسيٰ
لِقَوْمِهٖۤ اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُكُمْ اَنْ تَذْبَحُوْا بَقَرَةً ؕ قَالُوْۤا اَتَتَّخِذُنَا
پنهنجي قوم کي ته الله حڪم ڪري ٿو توهان کي ته ڪُهو ڳئون، چيائون ڇا ڪرين ٿو اسان سان
پنهنجيءَ قوم کي چيو ته، الله اوهان کي ڳئون ڪُهڻ جو حڪم ڪري ٿو، (تڏهن) چيائون ته تون اسان
هُزُوًا ؕ قَالَ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ ﴿٦٧﴾ قَالُوا ادْعُ
ٺوڳ؟ چيائين الله جي پناهه جو ٿيان آءٌ جاهلن مان. چيائون دعا گهُر
سان ٺوڪ ڪرڻ لڳين ٿو ڇا؟ (موسيٰ) چيو ته، آءٌ الله کان جاهلن مان هجڻ جي پناهه گهران ٿو. چيائون ته اسان لاءِ
لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا هِيَ ؕ قَالَ اِنَّهٗ يَقُوْلُ اِنَّهَا بَقَرَةٌ لَّا
اسان لاءِ پنهنجي رب کان ته ٻڌائي اسان کي ڪهڙي آهي اها، چيائين اهو فرمائي ٿو ته اها ڳئون نه
پنهنجي پالڻهار کان دعا گهر ته اسان لاءِ چٽائي ڪري ته اُها (ڳئون) ڪهڙي (قسم جي) آهي؟ (موسيٰ) چيو ته الله چوي ٿو ته، اُها ڳئون
فَارِضٌ وَّلَا بِكْرٌ ؕ عَوَانٌۢ بَيْنَ ذٰلِكَ ؕ فَافْعَلُوْا مَا تُؤْمَرُوْنَ ﴿٦٨﴾
ڪُراڙي هجي ۽ نه وهڙي وچولي هجي ان ۾ پوءِ ڪريو جيڪو حڪم ڪيا وڃو ٿا.
نه ڪراڙي ۽ نه (ننڍي) گابي آهي، اِنهيءَ وچ ۾ وچٿري آهي، پوءِ جيڪي اوهان کي حڪم ڏنو وڃو سو ڪريو.
قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا لَوْنُهَا ؕ قَالَ اِنَّهٗ يَقُوْلُ اِنَّهَا
چيائون دعا گهُر اسان لاءِ پنهنجي رب کان ته ٻڌائي اسان کي ته ڪهڙو آهي رنگ ان جو؟ چيائين يقيناً اهو فرمائي ٿو ته اها آهي
چيائون ته پنهنجي پالڻهار کان اسان لاءِ (دعا) گهر ته اسان لاءِ چٽائي ڪري ته ان جو رنگ ڪهڙو آهي؟ (موسيٰ) چيو ته الله چوي ٿو ته اها
بَقَرَةٌ صَفْرَآءُ ۙ فَاقِعٌ لَّوْنُهَا تَسُرُّ النّٰظِرِيْنَ ﴿٦٩﴾ قَالُوا ادْعُ لَنَا
ڳئون هيڊي سونهري رنگ ان جو وڻي ٿي ڏسندڙن کي، چيائون گهُر ڪر اسان لاءِ
ڳئون هيڊي ڪڪڙي آهي، سندس رنگ ڳوڙهو هيڊو آهي، ڏسندڙن کي پئي وڻندي آهي. چيائون ته پنهنجي
رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا هِيَ ۙ اِنَّ الْبَقَرَ تَشٰبَهَ عَلَيْنَا ؕ وَاِنَّاۤ اِنْ
پنهنجي رب کان ٻڌائي اسان کي ڪهڙي آهي اها ڇو ته ڏڳيون گڏجي پيون آهن اسان تي ۽ بلاشڪ جي
پالڻهار کان اسان لاءِ (دعا) گهر ته اسان لاءِ وضاحت ڪري ته اها (ڳئون) ڪهڙي (پارين) آهي؟ ڇو ته ڳئون اسان وٽ (پاڻ جهڙين ۾)
شَآءَ اللّٰهُ لَمُهْتَدُوْنَ ﴿٧٠﴾ قَالَ اِنَّهٗ يَقُوْلُ اِنَّهَا بَقَرَةٌ لَّا ذَلُوْلٌ
گهريو الله ته راهه لهنداسون. چيائين اهو فرمائي ٿو ته اها ڳئون ناهي وَهُو
وچڙيل آهي ۽ جيڪڏهن الله گهريو ته اسين ضرور لهنداسون. (موسيٰ) چيو ته الله چوي ٿو ته اها اهڙي ڳئون آهي، (جو) نڪي وهو آهي

تُثِيْرُ الْاَرْضَ وَلَا تَسْقِى الْحَرْثَ ۚ مُسَلَّمَةٌ لَّا شِيَةَ فِيْهَا ۭ قَالُوا

جو کيڙي زمين ۽ نڪي پياري ٿي پوک، بي عيب، نہ آهي ڪو ڏيک ان ۾، چيائون

جو زمين کيڙي ۽ نکي پوک پياري، بي عيب آهي، منجهس کو ڏيک کونهي، چيائون تہ

الْـٰٔنَ جِئْتَ بِالْحَقِّ ۭ فَذَبَحُوْهَا وَمَا كَادُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿٧١﴾ وَاِذْ ع

هاڻي آندي تو پوري خبر، پوءِ ڪُٺائون ان کي ۽ نہ هئا ائين ڪرڻ وارا. ۽ جڏهن

هاڻي تو پورو پار آندو، پوءِ ان کي ڪُٺائون ۽ (انهيءَ ڪم) ڪرڻ تي نہ هئا. ۽ جڏهن

قَتَلْتُمْ نَفْسًا فَادّٰرَءْتُمْ فِيْهَا ۭ وَاللّٰهُ مُخْرِجٌ مَّا كُنْتُمْ

ماري وڌو توهان ماڻهو پوءِ هڪ ٻئي تي پيا هٽو ان ۾، ۽ الله پڌرو ڪندڙ هو جنهن کي توهان

هڪ شخص کي ڪُٺوَ، تڏهن ان (جي مارينڌ) بابت تڪرار ڪيوَ ۽ جيڪي لڪائيندا آهيو سو الله

تَكْتُمُوْنَ ﴿٧٢﴾ ۚ فَقُلْنَا اضْرِبُوْهُ بِبَعْضِهَا ۭ كَذٰلِكَ يُحْيِ اللّٰهُ

لڪايو ٿي. پوءِ اسان چيو هڻو ان کي ان مان ڪو حصو، اهڙيءَ طرح جياري ٿو الله

پڌرو ڪندڙ آهي. پوءِ چيوسون تہ سندس (گوشت جو) ڪجهہ ڀاڱو ان (مئل) کي هڻو. اهڙيءَ طرح الله مئلن کي

الْمَوْتٰى ۙ وَيُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿٧٣﴾ ثُمَّ قَسَتْ قُلُوْبُكُمْ

مئن کي ۽ ڏيکاري ٿو توهان کي نشانيون پنهنجون تہ من توهان سمجهو. پوءِ سخت ٿيون دليون توهان جون

جياريندو آهي ۽ اوهان کي پنهنجيون نشانيون ڏيکاريندو آهي تہ مَن اوهين سمجهو. وري هن کان پوءِ اوهان جون

مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ فَهِىَ كَالْحِجَارَةِ اَوْ اَشَدُّ قَسْوَةً ۭ وَاِنَّ مِنَ الْحِجَارَةِ

ان کان بعد پوءِ اهي ٿيون جهڙو پٿر يا وڌيڪ سخت، ۽ البت پٿرن مان ڪو

دليون سخت ٿيون پوءِ پٿر وانگر بلڪ وڌيڪ سخت ٿيون ۽ پٿرن مان

لَمَا يَتَفَجَّرُ مِنْهُ الْاَنْهٰرُ ۭ وَاِنَّ مِنْهَا لَمَا يَشَّقَّقُ فَيَخْرُجُ

اهڙو آهي جو ڦٽن ٿيون ان مان نهرون، ۽ انهن مان ڪو اهڙو آهي جو ڦاٽي پوي ٿو پوءِ نڪري ٿو

ڪي اهڙا (بہ) آهن جو منجهانئن واهيون ڦاٽي نڪرنديون آهن ۽ منجهانئن ڪو ڦاٽندو آهي، پوءِ منجهانئس

مِنْهُ الْمَاۗءُ ۭ وَاِنَّ مِنْهَا لَمَا يَهْبِطُ مِنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ۭ وَمَا

ان مان پاڻي ۽ انهن مان ڪو اهڙو آهي جو ڪِري ٿو پوي الله جي خوف کان ۽ ناهي

پاڻي نڪرندو، آهي ۽ انهن مان ڪو الله جي ڀئو کان ڪري پوندو آهي، ۽

اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٧٤﴾ اَفَتَطْمَعُوْنَ اَنْ يُّؤْمِنُوْا لَكُمْ

الله بي خبر توهان جي ڪمن کان. ڇا پوءِ توهان لالچ ڪريو ٿا تہ اهي سچائي رکندا توهان لاءِ

جيڪي ڪندا آهيو تنهن کان الله بي خبر نہ آهي. (اي مسلمانو! اوهين يهودين ۾) پاڻ لاءِ فرمانبردار هجڻ جو

وَقَدْ كَانَ فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ يَسْمَعُوْنَ كَلٰمَ اللّٰهِ ثُمَّ يُحَرِّفُوْنَهٗ

هوڏانهن هڪڙوٽولو انهن مان ٻڌندو هو ڪلامُ الله جو پوءِ اهي ڦيرائيندا هئا ان کي

هن هوندي به اچا آسرو رکو ٿا ڇا؟ جو بيشڪ منجهانئن هڪ ٽولو اهڙو آهي جو الله جو ڪلام ٻڌندا آهن وري ان

مِنْۢ بَعْدِ مَا عَقَلُوْهُ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٥﴾ وَاِذَا لَقُوا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

هن کان پوءِ جو سمجهيائون ٿي ان کي ۽ اُهي ڄاڻندا هئا. ۽ جڏهن ملن ٿا مومنن سان

جي سمجهڻ کان پوءِ اُهي ڄاڻ هوندي به ان کي مٽائيندا آهن. ۽ جڏهن مومنن کي ملندا آهن.

قَالُوْٓا اٰمَنَّا ۚ وَاِذَا خَلَا بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضٍ قَالُوْٓا اَتُحَدِّثُوْنَهُمْ

چون ٿا اسان ايمان آندوسون ۽ جڏهن اڪيلا ٿين ٿا اهي هڪ ٻئي سان ته چون ٿا ڇا پڌايو ٿا توهان انهن کي

تڏهن چوندا آهن ته ايمان آندوسون ۽ جڏهن هڪ ٻئي سان اڪيلو ملندا آهن (تڏهن پاڻ ۾) چوندا آهن ته جيڪي الله

بِمَا فَتَحَ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ لِيُحَآجُّوْكُمْ بِهٖ عِنْدَ رَبِّكُمْ ۭ اَفَلَا

جنهن جي سُڌ ڏني الله توهان کي جئن تڪرار ڪن توهان سان ان تي توهان جي رب وٽ ڇا پوءِ توهان

اوهان تي کوليو آهي، تنهن جي ڳالهه ساڻن ڇو ڪندا آهيو؟ ته ان سببان اوهان جي پالڻهار وٽ اوهان تي حجت وٺندا رهن.

تَعْقِلُوْنَ ﴿٧٦﴾ اَوَلَا يَعْلَمُوْنَ اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا

نه ٿا سمجهو. ڇا نه ٿا سمجهن ته الله ڄاڻي ٿو جيڪي لڪائن ٿا ۽ جيڪي

اوهين ڇو نه سمجهندا آهيو؟ نه ڄاڻندا آهن ڇا؟ ته جيڪي لڪائيندا آهن ۽ جيڪي ظاهر ڪندا آهن سو الله

يُعْلِنُوْنَ ﴿٧٧﴾ وَمِنْهُمْ اُمِّيُّوْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ الْكِتٰبَ اِلَّآ اَمَانِيَّ

ظاهر ڪن ٿا. ۽ ڪي انهن مان اڻ پڙهه آهن جو نه ٿا ڄاڻن ڪتاب کي مگر ڪوڙيون سڌون

ڄاڻندو آهي. ۽ منجهائن ڪي اڻ پڙهيا آهن جي ڪوڙن خيالن کان سواءِ ڪتاب کي ڪجهه نه ڄاڻندا آهن ۽ اهي

وَاِنْ هُمْ اِلَّا يَظُنُّوْنَ ﴿٧٨﴾ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ يَكْتُبُوْنَ الْكِتٰبَ النصف

۽ اهي رڳو وهم ٿا ڪن. پوءِ ويل آهي انهن لاءِ جيڪي لکن ٿا ڪتاب

رڳو گمان ڪندا آهن. پوءِ انهن لاءِ ويل آهي جيڪي پنهنجو هٿراڌو ڪتاب

بِاَيْدِيْهِمْ ۤ ثُمَّ يَقُوْلُوْنَ هٰذَا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ لِيَشْتَرُوْا بِهٖ

هٿن پنهنجن سان پوءِ چون ٿا ته هي آهي الله جي طرفان جئن وٺن ان سان

لکندا آهن، وري (ماڻهن کي) چوندا آهن ته هيءُ الله وٽان (آيو) آهي ته جيئن ان سان (دنيا جو

ثَمَنًا قَلِيْلًا ۭ فَوَيْلٌ لَّهُمْ مِّمَّا كَتَبَتْ اَيْدِيْهِمْ وَوَيْلٌ لَّهُمْ

رقم ڪجهه پوءِ خرابي آهي انهن لاءِ ان ڪري جو لکيو سندن هٿن ۽ ويل آهي انهن لاءِ

ٿورو ملهه وٺن، پوءِ جيڪي سندن هٿن لکيو تنهن سببان انهن لاءِ ويل آهي ۽ جيڪي ڪمائيندا آهن

مِّمَّا يَكْسِبُوْنَ ﴿٧٩﴾ وَقَالُوْا لَنْ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّآ اَيَّامًا مَّعْدُوْدَةً ؕ

ان کان جو ڪمائن ٿا. ۽ چون ٿا هرگز نہ لڳندي اسان کي باھ مگر ڏينھن ٿورڙا،

تنھن سببان (پڻ) انھن لاءِ ويل آھي، ۽ چون ٿا تہ باھ، چند ڏينھن کان سواءِ اسان کي ڪڏھن نہ ڇھندي،

قُلْ اَتَّخَذْتُمْ عِنْدَ اللّٰهِ عَهْدًا فَلَنْ يُّخْلِفَ اللّٰهُ عَهْدَهٗٓ

(اي پيغمبر) چؤ ڇا توھان ورتو آھي الله وٽان انجام پوءِ نہ ڦيريندو الله پنھنجي انجام کي

(اي پيغمبر! کين) چئو تہ الله وٽان اھڙو انجام ورتو اٿوَ ڇا؟ تہ الله پنھنجي انجام کي ڪڏھن نہ ڦيريندو.

اَمْ تَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٨٠﴾ بَلٰى مَنْ كَسَبَ سَيِّئَةً

يا چئو ٿا الله تي اھو جو نہ ٿا ڄاڻو. ھائو جنھن ڪمائي بڇڙائي

يا الله تي اڻ ڄاتو (ڪوڙ) ڳالھائي رھيا آھيو؟ ھائو جن برائي ڪمائي

وَّاَحَاطَتْ بِهٖ خَطِيْٓئَتُهٗ فَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ

۽ ويڙھي ويو ان کي گناھ ان جو پوءِ اھي باھ وارا آھن، اھي

۽ سندن بڇڙائي کين ويڙھي وئي سي دوزخي آھن، اھي منجھس

فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٨١﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اُولٰٓئِكَ

ان ۾ هميشہ ھوندا. ۽ جن ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا اھي آھن

سدائين رھڻ وارا آھن. ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا سي بھشتي آھن.

اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٨٢﴾ ع وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَ

صاحب جنت جا اھي ان ۾ هميشہ رھندا. ۽ جڏھن ورتوسون اقرار

اھي منجھس سدائين رھڻ وارا آھن. ۽ جڏھن بني اسرائيلن کان انجام ورتوسون

بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ لَا تَعْبُدُوْنَ اِلَّا اللّٰهَ قف وَبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا

آلِ يعقوب کان تہ نہ ڪندؤ عبادت ڪنھن جي الله کان سواءِ ۽ ماءُ پيءُ سان ڀلائي ڪريو

تہ الله کان سواءِ ٻئي ڪنھن جي عبادت نہ ڪريو ۽ ماءُ پيءُ ۽ مٽن

وَّذِى الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَقُوْلُوْا لِلنَّاسِ حُسْنًا

۽ مائٽن ۽ ڇورن ٻارن ۽ ڏتڙيلن سان بہ ۽ چئو ماڻھن کي چڱي ڳالھ

۽ ڇورن (ٻارن) ۽ مسڪينن سان چڱائي ڪريو ۽ ماڻھن سان ملو ڳالھايو

وَّاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ ؕ ثُمَّ تَوَلَّيْتُمْ اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْكُمْ

۽ ادا ڪريو نماز ۽ ڏيو زڪوات، پوءِ ڦري ويا توھان مگر ٿورڙا توھان مان

۽ نماز پڙھو ۽ زڪوات ڏيو، وري اوھان منجھان ٿورن کان سواءِ

CS CamScanner

وَاَنْتُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٨٣﴾ وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَكُمْ لَا تَسْفِكُوْنَ دِمَآءَكُمْ

۽ توهان آهيو منهن موڙيندڙ. ۽ جڏهن ورتوسون توهان کان اقرار ته نه ڪندؤ پاڻ ۾ رتو ڇاڻ

(سڀ) ڦري ويؤ ۽ اوهين منهن موڙيندڙ هيو. ۽ جڏهن اوهان کان انجام ورتوسون ته پنهنجا خون نه ڪندؤ

وَلَا تُخْرِجُوْنَ اَنْفُسَكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ ثُمَّ اَقْرَرْتُمْ وَاَنْتُمْ

۽ نه تڙيندؤ پنهنجن کي سندن گهرن مان پوءِ توهان اقرار ڪيو ۽ توهان اهو

۽ نکي پنهنجيءَ قوم کي پنهنجن ديسن مان لڏائيندؤ پوءِ اقرار ڪيؤ ۽ (انجا) اوهين

تَشْهَدُوْنَ ﴿٨٤﴾ ثُمَّ اَنْتُمْ هٰٓؤُلَآءِ تَقْتُلُوْنَ اَنْفُسَكُمْ وَتُخْرِجُوْنَ

مڃو ٿا. وري اوهان اهي آهيو جو قتل ڪريو ٿا پنهنجن کي ۽ ڪيو ٿا

گواهه آهيو. (تنهن کان پوءِ) اوهين اهڙا ٿيا آهيو جو پنهنجيءَ قوم کي ڪهو ٿا ۽ پنهنجن مان

فَرِيْقًا مِّنْكُمْ مِّنْ دِيَارِهِمْ ۫ تَظٰهَرُوْنَ عَلَيْهِمْ بِالْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ ؕ

هڪ ٽولي پنهنجي کي سندن گهرن مان هڪ ٻئي جي مدد ڪريو ٿا انهن تي گناهه ۽ زيادتي سان

هڪ ٽوليءَ تي ايذاءُ ۽ ڏاڍ ڪرڻ لاءِ (پاڻ ۾) هڪ ٻئي کي مدد ڏيئي کين سندن ديس مان لڏايو ٿا ۽ جيڪڏهن

وَاِنْ يَّاْتُوْكُمْ اُسٰرٰى تُفٰدُوْهُمْ وَهُوَ مُحَرَّمٌ عَلَيْكُمْ اِخْرَاجُهُمْ ؕ

۽ جيڪڏهن اهي اچن ٿا توهان وٽ قيدي ٿي ته عوض ڀري کين ڇڏايو ٿا هوڏانهن حرام آهي توهان تي ڪڍڻ انهن جو

(ڪي) قيدي ٿي اوهان وٽ ايندا آهن ته سندن ڇٽي ڀري کين ڇڏائيندا آهيو حالانڪ اهو سندن لوڏڻ اوهان تي حرام ٿيل آهي.

اَفَتُؤْمِنُوْنَ بِبَعْضِ الْكِتٰبِ وَتَكْفُرُوْنَ بِبَعْضٍ ۚ فَمَا جَزَآءُ

ڇا پوءِ توهان مڃيو ٿا ڪجهه ڪتاب ۽ انڪار ٿا ڪريو ڪجهه حصي جو؟ پوءِ ناهي سزا

پوءِ ڇا جي لاءِ ڪي (حڪم) ڪتاب (توريت) جا مڃيندا آهيو ۽ ڪي نه مڃيندا آهيو؟ پوءِ اوهان مان

مَنْ يَّفْعَلُ ذٰلِكَ مِنْكُمْ اِلَّا خِزْيٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ

ان جي جيڪو ڪري اهو ڪم توهان مان مگر خواري دنيا جي حياتي ۾، ۽ ڏينهن قيامت

جيڪو اهڙو ڪم ڪري تنهن جي سزا دنيا جي حياتيءَ ۾ خواريءَ کان سواءِ ڪانه آهي، ۽

يُرَدُّوْنَ اِلٰٓى اَشَدِّ الْعَذَابِ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٨٥﴾

موٽايا ويندا تمام سخت عذاب ڏانهن ۽ نه آهي الله بي خبر توهان جي ڪمن کان.

قيامت جي ڏينهن سخت عذاب ڏانهن ورايا ويندا، ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن کان الله بي خبر نه آهي.

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا بِالْاٰخِرَةِ ۫ فَلَا يُخَفَّفُ

هي اُهي آهن جن خريد ڪئي زندگي دنيا جي آخرت جي عوض پوءِ نه هلڪو ٿيندو

اهي اُهي آهن جن آخرت جي بدران دنيا جي حياتي خريد ڪئي، پوءِ ڪائنن عذاب

CS CamScanner

عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٨٦﴾ ع وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ

انهن تان عذاب ۽ نڪي اهي مدد ڪيا ويندا. ۽ بيشڪ ڏنوسون موسيٰ کي ڪتاب

هلڪو نہ ڪيو ويندو ۽ نڪي کين مدد ڏبي. ۽ بيشڪ موسيٰ کي ڪتاب (توريت) ڏنوسون

وَقَفَّيْنَا مِنْ بَعْدِهٖ بِالرُّسُلِ ز وَاٰتَيْنَا عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ الْبَيِّنٰتِ

۽ موڪلياسون پٺيانئس پيغمبر ۽ ڏناسون عيسيٰ پٽ مريم کي پڌرا نشان

۽ ڪانئس پوءِ (ٻيا) پيغمبر هڪ ٻئي پٺيان موڪلياسون ۽ عيسيٰ پٽ مريم جي کي چٽا معجزا ڏناسون

وَاَيَّدْنٰهُ بِرُوْحِ الْقُدُسِ ط اَفَكُلَّمَا جَآءَكُمْ رَسُوْلٌۢ بِمَا لَا تَهْوٰٓى

۽ طاقت ڏنيسون انکي روح پاڪ سان ڇا پوءِ جڏهن آندو توهان وٽ ڪنهن پيغمبر انکيجو نہ ٿي چاهيو

۽ کيس پاڪ روح سان مدد ڏني سون ، پوءِ جڏهن بہ ڪنهن پيغمبر اوهان وٽ اهي حڪم آندا ٿي، جن کي اوهان

اَنْفُسُكُمُ اسْتَكْبَرْتُمْ ج فَفَرِيْقًا كَذَّبْتُمْ ز وَفَرِيْقًا تَقْتُلُوْنَ ﴿٨٧﴾ وَ

توهان جي نفسن تہ وڏائي ڪيوَ پوءِ هڪ جماعت کي ڪوڙو ڪيوَ ۽ هڪ جماعت کي قتل ڪيوَ. ۽

جي دلين نہ ٿي گهريو تڏهن اوهان (ان جي مڃڻ کان چڙ) وڏائي ڪئي؟ پوءِ (پيغمبرن جي) هڪ ٽوليءَ کي ڪوڙو ڄاتو ۽ ٻيءَ کي ڪُٺوَ!

قَالُوْا قُلُوْبُنَا غُلْفٌ ط بَلْ لَّعَنَهُمُ اللّٰهُ بِكُفْرِهِمْ فَقَلِيْلًا مَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٨٨﴾

چيائون اسانجون دليون ڍڪيل آهن نہ پر لعنت وڌي انهن تي الله سندن ڪفرجي ڪري پوءِ ٿورا آهن جيڪي ايمان آڻن ٿا.

۽ چون ٿا تہ اسان جون دليون ڍڪيل آهن (نہ،) بلڪ الله سندن ڪفر سببان مٿن لعنت ڪئي آهي، پوءِ ٿورڙا ايمان آڻيندا.

وَلَمَّا جَآءَهُمْ كِتٰبٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُصَدِّقٌ لِّمَا مَعَهُمْ لا

۽ جڏهن آيو وٽن قرآن طرفان الله جي سچو ڪندڙ انکي جيڪو انهن وٽ آهي

۽ جڏهن الله وٽان ڪتاب (قرآن) انهيءَ (توريت) جو سچو ڪندڙ آين، جيڪو وٽن آهي ۽

وَكَانُوْا مِنْ قَبْلُ يَسْتَفْتِحُوْنَ عَلَى الَّذِيْنَ كَفَرُوْا صلے ج فَلَمَّا جَآءَهُمْ

هوڏانهن اڳ ۾ فتح گهرندا هئا انهن تي جن ڪفر ڪيو پوءِ جڏهن آيو انهن وٽ

(حقيقت ڪري قرآن جي لهڻ کان) اڳ ڪافرن تي سوڀ (ٿيڻ جون دعائون) گهرندا هئا، پوءِ جڏهن وٽن اهو آيو

مَّا عَرَفُوْا كَفَرُوْا بِهٖ ز فَلَعْنَةُ اللّٰهِ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٨٩﴾ بِئْسَمَا اشْتَرَوْا بِهٖٓ

اهو جنهن کي سڃاتائون تہ انڪار ڪيائون انجو پوءِ لعنت الله جي آهي ڪافرن تي. خراب آهي اهو ۽ ڪروڪيائون جنهن تي

جنهن کي سڃاتائون ٿي تڏهن ان جو انڪار ڪيائون ، پوءِ ڪافرن تي الله جي لعنت آهي!. اهو بڇڙو (سودو) آهي.

اَنْفُسَهُمْ اَنْ يَّكْفُرُوْا بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ بَغْيًا اَنْ يُّنَزِّلَ اللّٰهُ مِنْ

پاڻ کي جو انڪار ڪيائون جيڪي نازل ڪيو الله ساڙ ڪندي تہ (چو) نازل ڪيو الله پنهنجي

جنهن ۾ پاڻ ڏيئي، جيڪي الله (محمد ﷺ تي) لاٿو آهي تنهن جو نہ مڃڻ. هن (ڳالهہ) جي ساڙ ڪري ورتائون

فَضْلِهٖ عَلٰی مَنْ یَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ۚ فَبَآءُوْ بِغَضَبٍ
فضل کي جنهن تي گهريائين پنهنجي ٻانهن مان پوءِ ڪنيائون ڏمر
ته الله پنهنجن ٻانهن مان جنهن تي گهرندو آهي تنهن تي پنهنجيءَ ٻاجهه سان (ڪتاب جو) لاهيندو آهي؟ پوءِ (الله جي)

عَلٰی غَضَبٍ ؕ وَ لِلْکٰفِرِیْنَ عَذَابٌ مُّهِیْنٌ ﴿۹۰﴾ وَ اِذَا قِیْلَ لَهُمْ
مٿان ڏمر ۽ ڪافرن لاءِ آهي عذاب خوار ڪندڙ. ۽ جڏهن چيو ويو انهن کي
ڏمر تي ڏمر هيٺ ويا، ۽ ڪافرن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي. ۽ جڏهن کين چئبو آهي ته جيڪو (قرآن)

اٰمِنُوْا بِمَاۤ اَنْزَلَ اللّٰهُ قَالُوْا نُؤْمِنُ بِمَاۤ اُنْزِلَ عَلَیْنَا
ته مڃو جيڪي نازل ڪيو الله چيائون اسان مڃون ٿا جيڪو نازل ٿيو آهي اسان تي
الله لاٿو تنهن کي مڃيو! تڏهن چون ٿا ته، جيڪو (توريت) اسان تي لٿل آهي تنهن کي مڃيندا آهيون ۽ جيڪي

وَ یَکْفُرُوْنَ بِمَا وَرَآءَهٗ ۗ وَ هُوَ الْحَقُّ مُصَدِّقًا لِّمَا
۽ انڪار ڪن ٿا انڪان پٺيان آيل جو ۽ اهو حق آهي سچو ڪندڙ انکي جيڪو
ان کان سواءِ آهي تنهن کي نه مڃيندا آهن ۽ (حقيقت ڪري) اهو (قرآن) سچو آهي، جيڪو (توريت) وٽن آهي

مَعَهُمْ ؕ قُلْ فَلِمَ تَقْتُلُوْنَ اَنْۢبِیَآءَ اللّٰهِ مِنْ قَبْلُ
انهن وٽ آهي چؤ پوءِ ڇو توهان قتل ڪندا هئا الله جي نبين کي اڳي
تنهن جو سچو ڪندڙ (به) آهي. (اي پيغمبر! کين) چئو ته، الله جي پيغمبرن کي اڳ ڇو ڪُٺو؟

اِنْ کُنْتُمْ مُّؤْمِنِیْنَ ﴿۹۱﴾ وَ لَقَدْ جَآءَکُمْ مُّوْسٰی بِالْبَیِّنٰتِ ثُمَّ
جيڪڏهن توهان ايمان رکندڙ آهيو. ۽ بيشڪ آيو اوهان وٽ موسيٰ معجزن سان پوءِ
جيڪڏهن (توريت جا) مڃيندڙ آهيو. ۽ بيشڪ موسيٰ اوهان وٽ چٽا معجزا آندا وري

اتَّخَذْتُمُ الْعِجْلَ مِنْ بَعْدِهٖ وَ اَنْتُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿۹۲﴾ وَ اِذْ
توهان بڻايو گابي کي (خدا) ان کان بعد ۽ توهان بي انصاف ٿيا. ۽ جڏهن
ڪانئس پوءِ گابي کي (خدا ڪري) ورتو ۽ (ائين ڪرڻ سان) اوهين (پاڻ تي) ظلم ڪندڙ آهيو. ۽ جڏهن

اَخَذْنَا مِیْثَاقَکُمْ وَ رَفَعْنَا فَوْقَکُمُ الطُّوْرَ ؕ خُذُوْا
ورتوسون توهان کان انجام ۽ ڪڙو ڪيوسون توهان جي مٿان جبل طور. وٺو
اوهان کان انجام ورتوسون ۽ اوهان جي مٿان طور (جبل) ڪڙو ڪيوسون (چيوسون ته) سوگهو وٺو جيڪو

مَاۤ اٰتَیْنٰکُمْ بِقُوَّةٍ وَّ اسْمَعُوْا ؕ قَالُوْا سَمِعْنَا وَ عَصَیْنَا ۗ
جو ڏنوسون توهان کي سوگهو ڪري ۽ ٻڌو. چيائون ٻڌوسون ۽ نه مڃيوسون
اوهان کي (توريت) ڏنو سين، سو ۽ ٻڌو، تڏهن چيائون ته، ٻڌوسون ۽ نه مڃيوسون

وَاُشْرِبُوْا فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْعِجْلَ بِكُفْرِهِمْ ط قُلْ

۽ ڍاپايو ويو سندن دلين ۾ گابي کي سندن ڪفر سبب، چئو

۽ انهن جي دلين ۾ سندن ڪفر سببان گابي جي پريت وڌي ويئي، (اي پيغمبرا ڪين) چئو ته اوهان جو

بِئْسَمَا يَاْمُرُكُمْ بِهٖٓ اِيْمَانُكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٩٣﴾

بڇڙو آهي اهو جنهن جو حڪم ڪري ٿو اوهان کي ايمان اوهان جو جيڪڏهن آهيو اوهين ايمان وارا.

ايمان اوهان کي جنهن شيءِ جو حڪم ڪندو آهي سا بڇڙي آهي، جيڪڏهن اوهين (توريت جا) مڃيندڙ آهيو.

قُلْ اِنْ كَانَتْ لَكُمُ الدَّارُ الْاٰخِرَةُ عِنْدَ اللّٰهِ خَالِصَةً

تون چؤ جيڪڏهن آهي توهان لاءِ گهر آخرت جو الله وٽ نجو

(اي پيغمبرا ڪين) چئو ته، جيڪڏهن آخرت جو ملڪ الله وٽ ٻين ماڻهن کان سواءِ خاص

مِّنْ دُوْنِ النَّاسِ فَتَمَنَّوُا الْمَوْتَ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٩٤﴾

ٻين ماڻهن کان سواءِ پوءِ طلب ڪريو موت جي جيڪڏهن آهيو سچا.

اوهان لاءِ آهي ته جيڪڏهن (پنهنجي چوڻ ۾) سچا آهيو ته موت گهرو. ۽ جيڪي

وَلَنْ يَّتَمَنَّوْهُ اَبَدًا ۢ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ ط وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ ۢ

۽ هرگز نه چاهيندا موت کي ڪڏهن به ان ڪري جو اڳي موڪليو سندن هٿن ۽ الله ڄاڻندڙ آهي

ڪرتوت سندن هٿن اڳي موڪليا آهن تن سببان اُن (موت) کي ڪڏهن به نه گهرندا، ۽ الله ظالمن کي (چڱي

بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿٩٥﴾ وَلَتَجِدَنَّهُمْ اَحْرَصَ النَّاسِ عَلٰى حَيٰوةٍ ج

ڏوهارين کي. ۽ ضرور لهندين انهن کي وڌيڪ حريص ماڻهن کان حياتي تي

طرح) ڄاڻندڙ آهي. ۽ (اي پيغمبرا) انهن (يهودين) کي جيئڻ تي (سيني) ماڻهن ۽ مشرڪن کان

وَمِنَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا ج يَوَدُّ اَحَدُهُمْ لَوْ يُعَمَّرُ اَلْفَ

۽ انهن کان جيڪي شرڪ ڪن ٿا چاهي ٿو هر هڪڙو انهن مان ته ڪيس عمر ملي هزار

وڌيڪ حرص وارو ضرور لهندين، منجهانئن هرهڪ گهرندو آهي ته جيڪر هزار

سَنَةٍ ج وَمَا هُوَ بِمُزَحْزِحِهٖ مِنَ الْعَذَابِ اَنْ يُّعَمَّرَ ط وَاللّٰهُ بَصِيْرٌ ۢ معانقة ٣

سال هوڏانهن ناهي اها ڇڏائيندڙ ان کي عذاب کان جو ڄمار مليس، ۽ الله ڏسندڙ آهي

ورهه جياريو وڃي ها! ۽ اهو (ايڏو جيئڻ به) کيس عذاب کان پري ڪرڻ وارو نه آهي، ۽ جيڪي ڪندا آهن

بِمَا يَعْمَلُوْنَ ﴿٩٦﴾ ع قُلْ مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّجِبْرِيْلَ فَاِنَّهٗ نَزَّلَهٗ عَلٰى ع-٦

جيڪي ڪن ٿا. چؤ (تون) جيڪو آهي دشمن جبرئيل جو پوءِ ته انهي لاٿو آهي قرآن تنهنجي

تنهن کي الله ڏسندڙ آهي. (اي پيغمبرا ڪين) چئو ته، جيڪو جبرائيل جو ويري ٿيندو (سو الله جو ويري آهي) ڇو ته جبرائيل قرآن کي

CS CamScanner

قَلْبِكَ بِاِذْنِ اللّٰهِ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ وَهُدًى وَّبُشْرٰى

دل تي اللهجي حڪم سان سچو ڪندڙ ان ڪي جو ان ڪان اڳي آهي ۽ هدايت ۽ خوشخبري

الله جي حڪم سان تنهنجيءَ دل تي لاٿو آهي، جيڪي ڪانئس اڳي آهي تنهن کي سچو ڪندڙ آهي ۽ مومنن لاءِ هدايت ۽

لِلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٩٧﴾ مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّلّٰهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَرُسُلِهٖ وَجِبْرِيْلَ

ايمان وارن لاءِ. جيڪو آهي دشمن اللهجو ۽ ان جي فرشتن جو ۽ ان جي رسولن جو ۽ جبريل جو

خوشخبري آهي. جيڪو الله ۽ سندس ملائڪن ۽ سندس پيغمبرن ۽ جبرائيل ۽ ميڪائيل جو

وَمِيْكٰلَ فَاِنَّ اللّٰهَ عَدُوٌّ لِّلْكٰفِرِيْنَ ﴿٩٨﴾ وَلَقَدْ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ اٰيٰتٍۭ

۽ ميڪائيل جو پوءِ بيشڪ الله دشمن آهي ڪافرن جو. ۽ بيشڪ اسان موڪليون آهن توڏانهن آيتون

ويري بڻجندو ته بيشڪ الله (به اهڙن) ڪافرن جو ويري آهي. ۽ (اي پيغمبر!) بيشڪ توڏانهن صاف آيتون

بَيِّنٰتٍ ۚ وَمَا يَكْفُرُ بِهَآ اِلَّا الْفٰسِقُوْنَ ﴿٩٩﴾ اَوَكُلَّمَا عٰهَدُوْا عَهْدًا

پڌريون ۽ نه ٿا انڪار ڪن انهن جو مگر بڇڙا ماڻهو. ۽ڇا جڏهن به ٻڌن پيا ڪو انجام

موڪليون سون ۽ بي دينن کان سواءِ ڪوبه ان جو منڪر نه ٿيندو. جڏهن به ڪو انجام ٻڌائون ٿي ته

نَّبَذَهٗ فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ ۭ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٠٠﴾ وَلَمَّا جَآءَهُمْ

ته انکي ڦٽو ڪري ٿي هڪ ٽولي انهن مان، بلڪ گهڻا انهن جا يقين نه ٿا ڪن. ۽ جڏهن آيو انهن وٽ

ان کي ڇو منجهائن هڪ ٽوليءَ ڦٽو ڪيو ٿي؟ بلڪ منجهائن گهڻا ايمان نه آڻيندا آهن. ۽ جڏهن پيغمبر (محمد ﷺ)

رَسُوْلٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُصَدِّقٌ لِّمَا مَعَهُمْ نَبَذَ فَرِيْقٌ مِّنَ

پيغمبر الله جي طرفان سَچو ڇَوندڙ انکي جيڪي وٽن هو ته اُڇلايو هڪ ٽولي انهن مان

انهيءَ (يعني توريت) جو سچو ڪندڙ جيڪو وٽن آهي، الله وٽان آين (تڏهن) جن کي ڪتاب (توريت)

الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ ۙ كِتٰبَ اللّٰهِ وَرَآءَ ظُهُوْرِهِمْ كَاَنَّهُمْ

جن کي ڏنو ويو ڪتاب الله جي ڪتاب کي پويان پٺين پنهنجي ڄڻ ته اهي

ڏنو ويو تن مان هڪ ٽوليءَ الله جي ڪتاب کي پنهنجين پٺين پويان اُڇليو، ڄڻڪ اهي

لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٠١﴾ ز وَاتَّبَعُوْا مَا تَتْلُوا الشَّيٰطِيْنُ عَلٰى مُلْكِ سُلَيْمٰنَ ۚ

نه ٿا ڄاڻن. ۽ ڪيڙ لڳا ان کي جو پڙهندا هئا شيطان سليمان جي دور ۾

ڄاڻندا ئي نه آهن. ۽ اهي (يهودي توريت جي پيروي ڇڏي) اهڙن (باطل علمن) جي پٺيان لڳا جيڪي سليمان جي ملڪ ۾ شيطان پڙهندا هئا.

وَمَا كَفَرَ سُلَيْمٰنُ وَلٰكِنَّ الشَّيٰطِيْنَ كَفَرُوْا يُعَلِّمُوْنَ النَّاسَ

۽ نه ڪفر ڪيو هو سليمان پر شيطانن ڪفر ڪيو هو جو سيڪاريائون ٿي ماڻهن کي

۽ سليمان (جادوءَ ڪرڻ جو) ڪفر نه ڪيو پر شيطانن ڪفر ڪيو جو ماڻهن کي جادو سيکاريندا هئا

CS CamScanner

السِّحْرَ ق وَمَآ اُنْزِلَ عَلَى الْمَلَكَيْنِ بِبَابِلَ هَارُوْتَ وَمَارُوْتَ ط

جادو ۽ (کيڍاگا) ان کي جو لاٿو ويو ٻن فرشتن تي بابل ۾ هاروت ۽ ماروت تي،

۽ پڻ (ان جي پٺيان پيا) جيڪي (اسماءِ الهيءَ جا اسرار) ٻن ملائڪن هاروت ۽ ماروت تي بابل (شهر) ۾ نازل ٿيا هئا.

وَمَا يُعَلِّمٰنِ مِنْ اَحَدٍ حَتّٰى يَقُوْلَآ اِنَّمَا نَحْنُ فِتْنَةٌ فَلَا تَكْفُرْ ط

۽ اهي نه سيکاريندا هئا ڪنهن کي به جيستائين چوندا هئا ته اسان پرکا آهيون سو تون ڪفر نه ڪجانءِ

۽ اهي ٻئي (انهن علمن مان) ڪجهه به ايسين ڪنهن هڪڙي کي نه سيکاريندا هئا، جيسين (هيءَ نه) چوندا هئا ته اسين رڳو آزمائش آهيون، تنهن

فَيَتَعَلَّمُوْنَ مِنْهُمَا مَا يُفَرِّقُوْنَ بِهٖ بَيْنَ الْمَرْءِ وَزَوْجِهٖ ط وَمَا هُمْ

پوءِ سکندا هئا انهن کان اهو جو ڦوٽ وجهن اِن سان مرد ۽ سندس زال جي وچ ۾ ۽ ناهن اهي

ڪري (اُن کي بيجا ڪم ۾ آڻي) ڪافر نه ٿجَ، پوءِ ڪاٿن اهو سکندا هئا، جنهن سان مڙس ۽ سندس زال جي وچ ۾ ڦيٽو وجهندا هئا.

بِضَآرِّيْنَ بِهٖ مِنْ اَحَدٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ط وَيَتَعَلَّمُوْنَ مَا يَضُرُّهُمْ

نقصان ڪندڙ ان (جادو) سان ڪنهن جو به الله جي امر کانسواءِ ۽ اهي سکندا هئا جيڪو کين نقصان ڏئي

۽ اُهي ان سان ڪنهن هڪڙي کي الله جي حڪم کان سواءِ نقصان پهچائيندڙ نه هئا، ۽ جيڪا کين نقصان ڏيندي ۽ کين

وَلَا يَنْفَعُهُمْ ط وَلَقَدْ عَلِمُوْا لَمَنِ اشْتَرٰىهُ مَا لَهٗ فِى الْاٰخِرَةِ مِنْ

۽ نه نفعو ڏئين، ۽ ڄاڻائون ٿي ته جنهن خريد ڪيو ان کي ناهي ان لاءِ آخرت ۾ ڪو

فائدو نه ڏيندي سا سکندا هئا ۽ بيشڪ ڄاڻائون ٿي ته جنهن اُها ورتي تنهن کي آخرت ۾ ڪو نصيب نه آهي،

خَلَاقٍ قف وَلَبِئْسَ مَا شَرَوْا بِهٖٓ اَنْفُسَهُمْ ط لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٠٢﴾

ڀاڱو، ۽ بروهئو اهو جو وڪيائون ان سان پاڻ کي جيڪڏهن ڄاڻن ها.

۽ جنهن سان پاڻ کي وڪيائون سا ضرور بڇڙي آهي! جيڪر ڄاڻن ها (ته پاڻ ٻلين ها!).

وَلَوْ اَنَّهُمْ اٰمَنُوْا وَاتَّقَوْا لَمَثُوْبَةٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ خَيْرٌ ط لَوْ كَانُوْا

۽ جيڪڏهن اهي يقين ڪن ها ۽ پرهيزڪن ها ته بدلو هو الله وٽان چڱو جي اهو

۽ جيڪڏهن اُهي (يهودي) ايمان آڻين ها ۽ پرهيزگار ٿجن ها ته الله وٽان ضرور چڱو بدلو (ملين ها).

ع ٧ ١٢ يَعْلَمُوْنَ ﴿١٠٣﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقُوْلُوْا رَاعِنَا وَقُوْلُوا انْظُرْنَا

سمجهن ها. اي ايمان وارو! نه چئو راعنا ۽ چئو انظرنا

جيڪڏهن ڄاڻن ها! اي ايمان وارو (پيغمبر کي عرض ڪرڻ مهل) راعنا (جو لفظ) نه چئو ۽ انظرنا (جو لفظ) چئو

وَاسْمَعُوْا ط وَلِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٠٤﴾ مَا يَوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ

۽ ٻڌو ۽ منڪرن لاءِ عذاب آهي ڏکوئيندڙ. نه ٿا چاهين اهي جن ڪفر ڪيو

۽ (اهو حڪم غور سان) ٻڌو ۽ ڪافرن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. نڪي ڪو اهل ڪتاب جي ڪافرن مان

أَهْلِ الْكِتٰبِ وَلَا الْمُشْرِكِيْنَ اَنْ يُّنَزَّلَ عَلَيْكُمْ مِّنْ خَيْرٍ مِّنْ
اهل ڪتاب مان ۽ نڪي جن شرڪ ڪيو تہ نازل ٿئي توهان تي ڪا چڱائي توهان
۽ نڪي ڪو مشرڪن مان، اوهان جي پالڻهار وٽان اوهان تي ڪنهن چڱائيءَ جو لهڻ چاهيندو آهي،

رَّبِّكُمْ ۭ وَاللّٰهُ يَخْتَصُّ بِرَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَاۗءُ ۭ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ
جي رب طرفان ۽ الله چُونڊي ٿو پنهنجي رحمت سان جنهن کي گهري ۽ الله صاحبُ فضل
۽ الله پنهنجي ٻاجهہ سان جنهن کي وڻيس تنهن کي چونڊيندو آهي، ۽ الله وڏي فضل وارو آهي. (اي پيغمبر!)

الْعَظِيْمِ ﴿١٠٥﴾ مَا نَنْسَخْ مِنْ اٰيَةٍ اَوْ نُنْسِهَا نَاْتِ بِخَيْرٍ مِّنْهَآ اَوْ
وڏي جو آهي. جيڪا ميٽيون ٿا ڪا آيت يا ويسارايون ٿا ان کي تہ آڻيون ٿا بهتر ان کان يا
جي ڪا آيت منسوخ ڪندا آهيون يا (تنهنجيءَ دل تان) اها وساريندا آهيون تہ اُنهيءَ کان چڱي يا ان جهڙي

مِثْلِهَا ۭ اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٠٦﴾ اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ
ان جهڙي ڇا نہ سمجهيو تو بيشڪ الله هر شيءِ تي قادر آهي ڇا نہ ڄاتو تو بيشڪ
آڻيندا آهيون. نہ ڄاڻندو آهين ڇا؟ تہ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وسارو آهي. (اي پيغمبر!) نہ ڄاڻندو آهين ڇا؟

اللّٰهَ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ
الله لاءِ بادشاهي آهي آسمان ۽ زمين جي ۽ ناهي توهان لاءِ سواءِ الله جي
تہ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي آهي، ۽ الله کان سواءِ اوهان جو نڪو سنڀاليندڙ

مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿١٠٧﴾ اَمْ تُرِيْدُوْنَ اَنْ تَسْـَٔـلُوْا رَسُوْلَكُمْ
ڪوئي دوست ۽ نڪي مددگار ڇا توهان گهرو ٿا تہ سوال ڪريو پنهنجي رسول کان
۽ نڪو مددگار آهي. (اي مسلمانو!) اوهين پنهنجي پيغمبر کان ائين سوال ڪرڻ چو ٿا گهرو؟

كَمَا سُىِٕلَ مُوْسٰى مِنْ قَبْلُ ۭ وَمَنْ يَّتَبَدَّلِ الْكُفْرَ بِالْاِيْمَانِ
جهڙو سوال ڪيو ويو موسيٰ کان هن کان اڳ ۾ ۽ جيڪو وٺي ٿو ڪفر کي ايمان جي عوض
جيئن اڳ (يهودين) موسيٰ کان پڇيو هو. ۽ جيڪو ايمان کي ڪفر سان مٽائيندو سو

فَقَدْ ضَلَّ سَوَاۗءَ السَّبِيْلِ ﴿١٠٨﴾ وَدَّ كَثِيْرٌ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ لَوْ يَرُدُّوْنَكُمْ
پوءِ اهو وڃائي ٿو سڌي رستي کي. چاهين ٿا ڪيترا اهل ڪتاب مان تہ جيڪر ڦيرائين توهان کي
بيشڪ سڌيءَ واٽ کان ڀلو. اهل ڪتاب مان گهڻا گهرندا آهن تہ جيڪر اوهان جي

مِّنْۢ بَعْدِ اِيْمَانِكُمْ كُفَّارًا ښ حَسَدًا مِّنْ عِنْدِ اَنْفُسِهِمْ مِّنْۢ
مسلمان هجڻ کان پوءِ ڪافر ڪري ساڙ کان پنهنجي طرفان دلي طرح هن کان
ايمان آڻڻ کان پوءِ بہ اوهان کي حسد سببان جو سندين دلين ۾ آهي،

بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ الْحَقُّ ۚ فَاعْفُوْا وَاصْفَحُوْا حَتّٰى يَاْتِيَ اللّٰهُ
پوءِ جو پڌرو ٿي چڪو انهن لاءِ حق پوءِ توهان ڇڏيو ۽ مڙي وڃو جيستائين آڻي الله
متن جو حق پڌرو ٿي چڪو آهي، ان ڪان پوءِ بہ موٽائي ڪافر ڪن، پوءِ ايسين معاف ڪريو ۽ مڙي وڃو

الثلثة

بِاَمْرِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرٌ ﴿١٠٩﴾ وَاَقِیْمُوا الصَّلٰوةَ وَ
پنهنجي حڪم کي. بيشڪ الله هر شيءِ تي قادر آهي. ۽ توهان قائم ڪريو نماز ۽
جيسين الله پنهنجو حڪم موڪلي، جو تہ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وسوارو آهي. ۽

اٰتُوا الزَّكٰوةَ ؕ وَمَا تُقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ مِّنْ خَیْرٍ تَجِدُوْهُ عِنْدَ اللّٰهِ ؕ
ادا ڪريو زڪوات، ۽ جا اڳي موڪليندَو پنهنجي لاءِ ڪا نيڪي تہ لهندَو انهيءَ کي الله وٽ،
(اي مسلمانو!) نماز پڙهو ۽ زڪوات ڏيو ۽ جيڪا چڱائي پاڻ لاءِ اڳي موڪليندَو سا

اِنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِیْرٌ ﴿١١٠﴾ وَقَالُوْا لَنْ یَّدْخُلَ الْجَنَّةَ
بيشڪ الله اوهان جي عملن کي ڏسندڙ آهي. ۽ اهي چوڻ لڳا هرگز نہ ويندا بهشت ۾
الله وٽ لهندَو. بيشڪ جيڪي اوهين ڪندا آهيو تنهن کي الله ڏسندڙ آهي. ۽ (يهودي ۽ نصاري) چون ٿا تہ

اِلَّا مَنْ كَانَ هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى ؕ تِلْكَ اَمَانِیُّهُمْ ؕ قُلْ هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ
مگر جيڪي هوندا يهودي يا نصارا، اهي سندن سڌون آهن تون چوين تہ آڻيو پنهنجو دليل
يهودين ۽ نصارن کان سواءِ بهشت ۾ ڪوئي نہ گهڙندو، اهي سندن سڌون آهن. (اي پيمغبرا ڪين) چئو تہ

اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِیْنَ ﴿١١١﴾ بَلٰى ۚ مَنْ اَسْلَمَ وَجْهَهٗ لِلّٰهِ وَهُوَ
جيڪڏهن اوهين سچا آهيو. هائو جنهن جهڪايو پنهنجو منهن الله لاءِ ۽ اهو
جيڪڏهن سچا آهيو تہ پنهنجو ڪو دليل آڻيوا. هائو جنهن پنهنجو منهن الله لاءِ نوڙايو ۽ اهو

مُحْسِنٌ فَلَهٗۤ اَجْرُهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ۪ وَلَا خَوْفٌ عَلَیْهِمْ وَلَا هُمْ
چڱائي ڪندڙ آهي تہ ان لاءِ انجو اجر آهي سندس پالڻهار وٽ ۽ ناهي ڪو ڊپ انهن تي ۽ نڪي اهي
ڀلارو هوندو تنهن لاءِ سندن پالڻهار وٽ سندس اجر آهي ۽ نڪو ڪين پئو آهي ۽ نڪي اهي

ع ١٣

یَحْزَنُوْنَ ﴿١١٢﴾ ع وَقَالَتِ الْیَهُوْدُ لَیْسَتِ النَّصٰرٰى عَلٰى شَیْءٍ ۪ وَّ
ڏکارا ٿيندا. ۽ چيو يهودين تہ آهن نصارا ڪنهن راهہ تي ۽
غمگين ٿيندا. ۽ يهودي چون ٿا تہ نصاري ڪنهن دين تي نہ آهن ۽

قَالَتِ النَّصٰرٰى لَیْسَتِ الْیَهُوْدُ عَلٰى شَیْءٍ ۙ وَّهُمْ یَتْلُوْنَ
چيو نصارن تہ آهن يهودي ڪنهن راهہ تي هوڏانهن اهي پڙهن ٿا
نصاري چون ٿا تہ يهودي ڪنهن دين تي نہ آهن ۽ (حقيقت ڪري) اهي ڪتاب (توريت) ۽

الْكِتٰبَ ؕ كَذٰلِكَ قَالَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ مِثْلَ قَوْلِهِمْ ۚ فَاللّٰهُ
كتاب کي اهڙي طرح چئي انهن جيڪي نہ ڄاڻن هنن جهڙي ڳالهہ پوءِ الله
انجيل) پڙهندا آهن. اهڙيءَ طرح جيڪي نہ ڄاڻندا آهن سي (بہ) سندن چوڻ وانگر چوندا آهن ، پوءِ

يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿۱۱۳﴾ وَ
نبيرو ڪندو انهن جي وچ ۾ قيامت ڏينهن ان ۾ جنهن ۾ اختلاف ڪندا هئا. ۽
الله قيامت جي ڏينهن سندن وچ ۾ جنهن (ڳالهہ) بابت جهڳڙو ڪندا هئا تنهن جو فيصلو ڪندو.

مَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ مَّنَعَ مَسٰجِدَ اللّٰهِ اَنْ يُّذْكَرَ فِيْهَا اسْمُهٗ
ڪير آهي وڌو ظالم ان کان جنهن روڪيو مسجدن الله جي کان تہ وٺجي اتي نالو الله جو
۽ ڪير ان کان وڌيڪ ظالم آهي؟ جنهن الله جي مسجدين ۾ سندس نالي ياد ڪرڻ کان جهليو

وَسَعٰى فِيْ خَرَابِهَا ؕ اُولٰٓئِكَ مَا كَانَ لَهُمْ اَنْ يَّدْخُلُوْهَآ
۽ ڪوشش ڪيائين انهن جي ڊاهڻ ۾، اُهي، نہ ڄڳائيندو هو انهن کي جو گهڙن انهن ۾
۽ انهن (مسجدين) جي ڊاهڻ ۾ ڪوشش ڪيائين، اهڙن کي انهن (مسجدين) ۾ ڊڄندڙ ٿي گهڙڻ ڌاران

اِلَّا خَآئِفِيْنَ ؕ لَهُمْ فِي الدُّنْيَا خِزْيٌ وَّلَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ
مگر ڊڄندڙ ٿي انهن لاءِ دنيا ۾ خواري آهي ۽ انهن لاءِ آخرت ۾ عذاب
(ٻيءَ طرح گهڙڻ) نہ ڄڳائيندو آهي، انهن لاءِ دنيا ۾ خواري آهي ۽ انهن لاءِ آخرت ۾ وڏو

عَظِيْمٌ ﴿۱۱۴﴾ وَلِلّٰهِ الْمَشْرِقُ وَالْمَغْرِبُ ۗ فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ
وڏو آهي. ۽ الله جو ئي آهي اوڀر ۽ اولهہ پوءِ جيڏانهن منهن ڦيريندؤ تيڏانهن آهي ذات
عذاب آهي. ۽ اوڀر ۽ اولهہ الله جو آهي، پوءِ جيڏانهن پنهنجي منهن کي ڦيرايو تيڏانهن الله جي ذات آهي،

اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿۱۱۵﴾ وَقَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا ۙ سُبْحٰنَهٗ ؕ
الله جي، بيشڪ خدا ڪشادگي ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي. ۽ چيائون ورتي آهي الله اولاد اهو پاڪ آهي.
بيشڪ الله (مهربانيءَ ۾) ڪشادگيءَ وارو ڄاڻندڙ آهي. ۽ (ڪافر) چون ٿا تہ الله (پنهنجي لاءِ) اولاد ورتو آهي. (نہ)

بَلْ لَّهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ كُلٌّ لَّهٗ قٰنِتُوْنَ ﴿۱۱۶﴾ بَدِيْعُ
بلڪ انجو آهي جو ڪجهہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، سمورا ان جا تابعدار آهن. اهو پيدا ڪندڙ
اهو تہ پاڪ آهي بلڪ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو سندس (ملڪ) آهي مڙيئي سندس فرمانبردار آهن. آسمانن

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَاِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ
آسمانن ۽ زمين جو آهي، ۽ جڏهن فيصلو ڪري ٿو ڪنهن ڪم جو تہ رڳو چوي ٿو ان کي "ٿيءُ"
۽ زمين جو ناهيندڙ آهي ، ۽ جڏهن ڪوئي ڪم ڪندو آهي تڏهن ان کي رڳو چوندو آهي تہ "ٿيءُ"،

فَيَكُوْنُ ﴿١١٧﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ لَوْلَا يُكَلِّمُنَا اللّٰهُ اَوْ تَاْتِيْنَآ
ته اهو ٿي پوي ٿو. ۽ چيو انهن جيڪي نه ٿا ڄاڻن ڇو نه ٿو ڳالهائي اسان سان الله يا ڇو نه ٿي اچي اسان وٽ
ته ٿي پوندو آهي. ۽ جيڪي نه ڄاڻندا آهن، سي چوندا آهن ته الله اسان سان ڇو نه ڳالهائيندو آهي؟ يا ڪا نشاني

اٰيَةٌ ؕ كَذٰلِكَ قَالَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّثْلَ قَوْلِهِمْ ؕ تَشَابَهَتْ
ڪا نشاني، اهڙي طرح چئي هئي انهن کان اڳ وارن هنن جهڙي ڳالهه، هڪ جهڙيون ٿيون آهن
اسان وٽ ڇو نه ايندي آهي؟ اهڙيءَ طرح جيڪي ڪانئن اڳ هئا تن سندن چوڻ وانگر چيو، سندين دليون هڪ جهڙيون

قُلُوْبُهُمْ ؕ قَدْ بَيَّنَّا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿١١٨﴾ اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ بِالْحَقِّ
سندن دليون بيشڪ اسان بيان ڪيون آهن نشانيون ماڻهن لاءِ جي يقين ڪن ٿا. بيشڪ اسان موڪليو توکي سچ سان
آهن . بيشڪ اسان انهيءَ قوم لاءِ نشانيون بيان ڪيون آهن، جيڪي يقين رکندا آهن. (اي پيغمبر!) بيشڪ اسان توکي

بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا ۙ وَّلَا تُسْـَٔلُ عَنْ اَصْحٰبِ الْجَحِيْمِ ﴿١١٩﴾ وَلَنْ
خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري ۽ نه پڇا ٿيندي توکان اهل دوزخ جي. ۽ هرگز نه
سچ سان، خوش خبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو ۽ (تون) دوزخين بابت نه پڇبين. ۽ (اي پيغمبر!)

تَرْضٰى عَنْكَ الْيَهُوْدُ وَلَا النَّصٰرٰى حَتّٰى تَتَّبِعَ مِلَّتَهُمْ ؕ قُلْ
راضي ٿيندا توکان يهودي ۽ نڪي نصارا جيستائين تون تابع ٿئين انهن جي طريقي جو چؤ
يهودي ايسين توکان ڪڏهن راضي نه ٿيندا ۽ نڪي نصاري، جيسين تون سندن دين جي تابعداري ڪرين

اِنَّ هُدَى اللّٰهِ هُوَ الْهُدٰى ؕ وَلَئِنِ اتَّبَعْتَ اَهْوَآءَهُمْ بَعْدَ الَّذِيْ
بيشڪ ڏس الله جو ئي هدايت آهي ۽ جيڪڏهن تون پوئلڳ ٿيندين سندن خواهشن جو هن ڪانپوءِ جو
(ڪين) چئو ته. الله جي هدايت، اها (اسلام جي) هدايت آهي ۽ (اي پيغمبر!) تو وٽ جو علم آيو آهي تنهن کان

جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ ۙ مَا لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿١٢٠﴾
آيو تو وٽ علم نه هوندو تو لاءِ الله کان ڪوئي بچائيندڙ ۽ نڪي واهرو.
پوءِ به جيڪڏهن (تون) سندن سڌن جي تابعداري ڪندين ته تو لاءِ الله وٽان نڪو سنڀاليندڙ ۽ نڪو مددگار ٿيندو.

اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَتْلُوْنَهٗ حَقَّ تِلَاوَتِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ يُؤْمِنُوْنَ
اهي ماڻهو ڏنو سون جن کي ڪتاب پڙهن ٿا ان کي جيئن حق آهي ان جي پڙهڻ جو اهي ئي مڃين ٿا
جن کي ڪتاب ڏنوسون سي ان کي اهڙيءَ طرح پڙهندا آهن جهڙو سندس پڙهڻ جو حق آهي ، اهي ان کي مڃيندا آهن .

بِهٖ ؕ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿١٢١﴾ ع يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ
ان کي ۽ جيڪو انڪار ڪري ٿو ان جو پوءِ اهي ئي نقصان وارا آهن. اي بني اسرائيل
۽ جيڪي ان کي نه مڃيندا سي ئي گهاٽي وارا آهن. اي بني اسرائيلو!

وقف منزل

اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَاَنِّيْ فَضَّلْتُكُمْ
ياد ڪريو منهنجو احسان جو ڪيم توهان تي ۽ مون ڀلارو ڪيو توهانکي
اُهي منهنجا ڳڻ ياد ڪريو جيڪي مون اوهان تي ڪيا ۽ مون جهان (وارن) تي اوهان کي

عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٢٢﴾ وَاتَّقُوْا يَوْمًا لَّا تَجْزِيْ نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَيْـًٔا وَّلَا يُقْبَلُ
جهان وارن تي. ۽ ڊڄو ان ڏينهن کان جونه ٽاريندو ڪوئي شخص ڪنهن تان ڪجھ به ۽ نه قبوليو ويندو
سڳورو ڪيو. ۽ انهيءَ ڏينهن کان ڊڄو جنهن ۾ ڪو جيءُ ڪنهن جيءَ کان ڪجهه به ٽاري نه سگهندو ۽ نڪي ڪانئس

مِنْهَا عَدْلٌ وَّلَا تَنْفَعُهَا شَفَاعَةٌ وَّلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿١٢٣﴾ وَاِذِ ابْتَلٰٓى
ان کان عوض ۽ نه فائدو ڏيندي ان کي ڪا سفارش ۽ نڪي اهي مدد ڪيا ويندا. ۽ ياد ڪر جڏهن آزمايو
ڪو بدلو قبول ڪبو ۽ نڪي ڪيس ڪا پارت نفعو ڏيندي ۽ نڪي کين مدد ڏبي. ۽ جڏهن ابراهيم کي

اِبْرٰهٖمَ رَبُّهٗ بِكَلِمٰتٍ فَاَتَمَّهُنَّ ۭ قَالَ اِنِّيْ جَاعِلُكَ لِلنَّاسِ اِمَامًا ۭ
ابراهيم کي سندس رب ڪن ڳالهين سان پوءِ ان پورو ڪيو انهن کي، فرمايائينس آءٌ ڪريان ٿو توکي ماڻهن لاءِ اڳواڻ،
سندس پالڻهار ڪن ڳالهين سان پرکيو پوءِ اُهي پوريون ڪيائين، (۽ الله) فرمايو ته آءٌ توکي ماڻهن لاءِ امام مقرر ڪرڻ وارو آهيان

قَالَ وَمِنْ ذُرِّيَّتِيْ ۭ قَالَ لَا يَنَالُ عَهْدِي الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٢٤﴾ وَاِذْ
چيائين ۽ منهنجي اولاد مان به، فرمايائين نه پهچندو انجام منهنجو ظالمن کي. ۽ جڏهن
(تڏهن ابراهيم) چيو ته منهنجي اولاد مان به (امام ڪر! الله) فرمايو ته ظالمن کي (اِهو) منهنجو انجام نه پهچندو. ۽ جڏهن

جَعَلْنَا الْبَيْتَ مَثَابَةً لِّلنَّاسِ وَاَمْنًا ۭ وَاتَّخِذُوْا مِنْ مَّقَامِ
ڪيوسون ڪعبي کي جاءِ گڏ ٿيڻ جي ماڻهن لاءِ ۽ جاءِ امن جي، ۽ وٺو بيهڻ واري جاءِ
بيت الله کي ماڻهن جي موٽڻ جو ماڳ ۽ اَمن جو هنڌ مقرر ڪيوسون ، ۽ (هن اُمت کي حڪم ڪيوسون ته) مقام

اِبْرٰهٖمَ مُصَلًّى ۭ وَعَهِدْنَآ اِلٰٓى اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ اَنْ طَهِّرَا
ابراهيم جي جاءِ نماز ڪري، ۽ تاڪيد ڪيوسون ابراهيم کي ۽ اسماعيل کي ته پاڪ ڪريو
ابراهيم کي (به) نماز پڙهڻ جي جاءِ ڪري وٺو ، ۽ ابراهيم ۽ اسماعيل کي وصيت ڪئي سون ته

بَيْتِيَ لِلطَّاۗىِٕفِيْنَ وَالْعٰكِفِيْنَ وَالرُّكَّعِ السُّجُوْدِ ﴿١٢٥﴾ وَاِذْ قَالَ
منهنجي گهر کي طواف ڪندڙن لاءِ ۽ اعتڪاف وارن ۽ رڪوع ۽ سجدي ڪندڙن لاءِ. ۽ جڏهن چيو
منهنجي گهر کي طواف ڪندڙن ۽ اعتڪاف وارن ۽ رڪوع (۽) سجدي ڪندڙن لاءِ پاڪ رکو. ۽ جڏهن ابراهيم

اِبْرٰهٖمُ رَبِّ اجْعَلْ هٰذَا بَلَدًا اٰمِنًا وَّارْزُقْ اَهْلَهٗ مِنَ الثَّمَرٰتِ
ابراهيم اي پروردگار! ڪر هن شهر کي امن وارو ۽ ڪاراءِ اتان وارن کي ڪي ميوا
چيو ته، اي منهنجا پالڻهار! هن (مڪي) کي امن جو شهر ڪر ۽ سندس رهندڙن مان اُنهن کي ميون جي روزي ڏي

مَنْ اٰمَنَ مِنْهُمْ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ قَالَ وَمَنْ كَفَرَ فَاُمَتِّعُهٗ

جن ايمان آندو انهن مان الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي، فرمايائين ۽ جيڪو ڪافر ٿيندو پوءِ انکي نفعو ڏيندم

جيڪي منجهانئن الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃين، (تڏهن الله) فرمايو ته جنهن نه مڃيو (تنهن کي به)، پوءِ اُن کي (حياتيءَ جا)

قَلِيْلًا ثُمَّ اَضْطَرُّهٗۤ اِلٰى عَذَابِ النَّارِ ؕ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿١٢٦﴾ وَ

ڪجھ وقت پوءِ چڪي آڻيندم انهيءَ کي عذاب باھ ڏي، ۽ اها خراب جاءِ آهي. ۽

ٿورڙا ڏينهن آسودو ڪندس وري ڪيس باھ جي عذاب ڏانهن بي وس ڪندس، ۽ اها بڇڙي جاءِ آهي. ۽

اِذْ يَرْفَعُ اِبْرٰهٖمُ الْقَوَاعِدَ مِنَ الْبَيْتِ وَاِسْمٰعِيْلُ ؕ رَبَّنَا تَقَبَّلْ

ياد ڪر جڏهن ڪنيا ٿي ابراهيم بنياد ڪعبي جا ۽ اسماعيل، چون پيا اي رب اسان جا قبول ڪر

جڏهن ابراهيم ۽ اسماعيل بيت (الله) جا بنياد اوساريندا هئا (تڏهن چوندا هئا ته) اي اسان جا پالڻهارا (هيءُ پورهيو) اسان کان

مِنَّا ؕ اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿١٢٧﴾ رَبَّنَا وَاجْعَلْنَا مُسْلِمَيْنِ لَكَ

اسان کان، بيشڪ تون ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهين. اي رب اسانجا ۽ ڪر اسان کي فرمانبردار پنهنجو

قبول ڪر، ڇو ته تون ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهين.(۽) اي اسان جا پالڻهارا ۽ اسان کي پنهنجو فرمانبردار ڪر

وَمِنْ ذُرِّيَّتِنَآ اُمَّةً مُّسْلِمَةً لَّكَ ۪ وَاَرِنَا مَنَاسِكَنَا وَتُبْ

۽ اسان جي اولاد مان به هڪ جماعت فرمانبردار پنهنجي ۽ ڏيکار اسان کي حج جا ارڪان ۽ معاف ڪر

۽ اسان جي اولاد مان (به) هڪ ٽوليءَ کي پنهنجو فرمانبردار ڪر ۽ اسان کي اسان جي حج جا ارڪان سيکار ۽

عَلَيْنَا ۚ اِنَّكَ اَنْتَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿١٢٨﴾ رَبَّنَا وَابْعَثْ فِيْهِمْ

اسان کي بيشڪ تون ئي معاف ڪندڙ مهربان آهين. اي اسان جا نپائيندڙ ۽ اُٿار انهن ۾

اسان جون (خطائون) معاف ڪر بيشڪ تون ئي وڏو معافي ڪندڙ مهربان آهين. ۽ اسان جا پالڻهارا منجهانئن

رَسُوْلًا مِّنْهُمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِكَ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ

وڏو رسول انهن مان جو پڙهي انهن تي تنهنجون آيتون ۽ سيکاري انهن کي ڪتاب

هڪ پيغمبر منجهن موڪل جو تنهنجون آيتون مٿن پڙهي ۽ کين ڪتاب

١٥ ع ٨ ١٥ وَالْحِكْمَةَ وَيُزَكِّيْهِمْ ؕ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿١٢٩﴾ ع

۽ حڪمت ۽ پاڪ ڪري انهن کي، تون ئي زبردست آهين حڪمت وارو آهين.

۽ حڪمت سيکاري ۽ کين سڌاري، بيشڪ تون ئي غالب حڪمت وارو آهين.

وَمَنْ يَّرْغَبُ عَنْ مِّلَّةِ اِبْرٰهٖمَ اِلَّا مَنْ سَفِهَ نَفْسَهٗ ؕ

۽ ڪير آهي جو منهن موڙي دين ابراهيم کان مگر جنهن بي سمجھ بڻايو پاڻ کي،

۽ جنهن پاڻ کي بي سمجھ ڪيو تنهن کان سواءِ (ٻيو) ڪير ابراهيم جي دين کان منهن موڙيندو؟

CS CamScanner

وَ لَقَدِ اصْطَفَيْنٰهُ فِي الدُّنْيَا ۚ وَ اِنَّهٗ فِي الْاٰخِرَةِ

۽ تحقيق اسان چونڊيو هو ان کي هن جهان ۾ ۽ بيشڪ اهو پئي جهان ۾

۽ بيشڪ ڪيس دنيا ۾ چونڊيوسون، ۽ اهو آخرت ۾ ضرور ڀلارن

لَمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٣٠﴾ اِذْ قَالَ لَهٗ رَبُّهٗٓ اَسْلِمْ ۙ قَالَ اَسْلَمْتُ

يقينن ڀلارن مان آهي. جنهن وقت چيو ان کي سندس پروردگار حڪم مڃ چيائين آءٌ حڪم مڃيم

مان آهي. جڏهن ڪيس سندس پالڻهار چيو ته، منهنجا حڪم مڃ (تڏهن) چيائين ته جهانن جي

لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٣١﴾ وَ وَصّٰى بِهَآ اِبْرٰهٖمُ بَنِيْهِ وَ يَعْقُوْبُ ؕ

جهانن جي پروردگار جو. ۽ پارت ڪئي ان جي ابراهيم پنهنجي پٽن کي ۽ يعقوب پڻ،

پالڻهار جا (سڀ) حڪم مڃيم. ۽ ابراهيم ۽ يعقوب پنهنجن پٽن کي ان (ڳالهه) جي وصيت ڪئي ته

يٰبَنِيَّ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰى لَكُمُ الدِّيْنَ فَلَا تَمُوْتُنَّ اِلَّا

ته اي منهنجا پٽئو! بيشڪ الله پسند ڪيو آهي توهان لاءِ اِهو دين پوءِ هرگز نه مَرجو مگر

اي منهنجي اولاد! الله (هن) دين کي اوهان لاءِ چونڊيو آهي پوءِ اوهين

وَ اَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿١٣٢﴾ؕ اَمْ كُنْتُمْ شُهَدَآءَ اِذْ حَضَرَ يَعْقُوْبَ

توهان هجو مسلمان. ڇا توهان هئا موجود جڏهن آيو يعقوب تي

مسلمان هجڻ کان سواءِ نه مَرجو. (اي ڪتاب وارَو) اوهين (تڏهن) حاضر هيَو ڇا؟ جڏهن يعقوب کي

الْمَوْتُ ۙ اِذْ قَالَ لِبَنِيْهِ مَا تَعْبُدُوْنَ مِنْۢ بَعْدِيْ ؕ

موت جڏهن چيائين پنهنجن پٽن کي ڇا جي عبادت ڪندؤ مون کان پوءِ،

موت ويجهو ٿيو جڏهن پنهنجن پٽن کي چيائين ته مون کان پوءِ ڪنهن جي عبادت ڪندؤ؟

قَالُوْا نَعْبُدُ اِلٰهَكَ وَ اِلٰهَ اٰبَآئِكَ اِبْرٰهٖمَ وَ اِسْمٰعِيْلَ

چيائون عبادت ڪنداسون تنهنجي خدا ۽ تنهنجي ابن ڏاڏن ابراهيم ۽ اسماعيل

(تڏهن) چيائون ته تنهنجي خدا ۽ تنهنجي پيءُ ڏاڏي ابراهيم ۽ اسماعيل

وَ اِسْحٰقَ اِلٰهًا وَّاحِدًا ۚۖ وَّ نَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ﴿١٣٣﴾

۽ اسحاق جي خدا جي هڪ خدا ڪري ۽ اسان انجوئي حڪم مڃيندڙ آهيون.

۽ اسحاق جي خدا جي، جو اڪيلو خدا آهي عبادت ڪنداسون، ۽ اسين سندس حڪم مڃيندڙ آهيون.

تِلْكَ اُمَّةٌ قَدْ خَلَتْ ۚ لَهَا مَا كَسَبَتْ وَ لَكُمْ مَّا

اها جماعت هئي جا گذري وئي، انهن لاءِ هئي انهن جي ڪمائي ۽ توهان لاءِ آهي

اها ٽولي بيشڪ گذري ويئي آهي، جيڪي انهن ڪمايو سو انهن لاءِ آهي ۽ جيڪي اوهان

CS CamScanner

كَسَبْتُمْ وَلَا تُسْـَٔلُوْنَ عَمَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٣٤﴾ وَقَالُوْا كُوْنُوْا

توهانجي ڪمائي، ۽ توهان کان پڇا نہ ٿيندي انهن جي عملن جي. ۽ چيائون ٿيو

ڪمايو سو اوهان لاءِ آهي، ۽ جيڪي (اُهي) ڪندا هئا تنهن بابت اوهين نہ پڇبوءِ ۽ (ڪتاب وارا مسلمانن کي) چون ٿا تہ

هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى تَهْتَدُوْا ؕ قُلْ بَلْ مِلَّةَ اِبْرٰهٖمَ

يهودي يا نصارا تہ هدايت وارا ٿيندؤ، تون چؤ پر اسان دين ابراهيم تي آهيون

يهودي يا نصاري ٿيو تہ هدايت وارا ٿيندؤ، (اي پيغمبرا کين) چؤ تہ اسين ابراهيم

حَنِيْفًا ؕ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٣٥﴾ قُوْلُوْٓا اٰمَنَّا بِاللّٰهِ

جو هڪ طرفو هو. ۽ نہ هئو مشرڪن مان. توهان چئو تہ اسان ايمان آندو آهي الله تي

حنيف (هڪ طرفي) جي دين جا تابعدار آهيون، ۽ اهو مشرڪن مان نہ هو. (ڪين) چئو تہ اسين الله کي مڃيون ٿا، ۽ (پڻ)

وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْنَا وَمَآ اُنْزِلَ اِلٰٓى اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ

۽ ان تي جيڪو نازل ٿيو اسان ڏانهن ۽ جيڪو نازل ٿيو ابراهيم ۽ اسماعيل

جيڪو (قرآن) اسان ڏانهن لاٿو ويو آهي، ۽ جيڪي (صحيفا) ابراهيم ۽ اسماعيل

وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ وَالْاَسْبَاطِ وَمَآ اُوْتِيَ مُوْسٰى وَعِيْسٰى

۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ ان جي اولاد ڏانهن ۽ ان تي جو مليو موسيٰ ۽ عيسيٰ کي

۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ يعقوب جي اولاد ڏانهن لاٿا ويا آهن، ۽ جيڪي موسيٰ ۽ عيسيٰ کي ڏنو ويو

وَمَآ اُوْتِيَ النَّبِيُّوْنَ مِنْ رَّبِّهِمْ ۚ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ

۽ ان تي جو مليو سيني نبين کي سندن پروردگار کان اسان نہ ٿا سنڌو ڪريون ڪنهن جي بہ وچ ۾

۽ جيڪي ٻين پيغمبرن کي سندن پالڻهار کان ڏنو ويو تنهن (سڀ) کي (مڃيون ٿا) منجهائن ڪنهن هڪ جي وچ ۾

مِّنْهُمْ ۖ وَنَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ﴿١٣٦﴾ فَاِنْ اٰمَنُوْا بِمِثْلِ

انهن مان ۽ اسان انهيءَ جائي مڃيندڙ آهيون. پوءِ جيڪڏهن انهن بہ ايمان آندو جئن

فرق نہ ٿا پايون، ۽ اسين اُن (هڪ الله) کي مڃيندڙ آهيون پوءِ جيڪڏهن الله کي.

مَآ اٰمَنْتُمْ بِهٖ فَقَدِ اهْتَدَوْا ۚ وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا هُمْ

توهان ايمان آندو آهي ان تي تہ يقينن .اهي هدايت وارا ٿيا، ۽ جيڪڏهن ڦري ويا تہ پوءِ رڳو اهي

اوهان جي مڃڻ جهڙو مڃين تہ بيشڪ هدايت وارا ٿيندا، ۽ جيڪڏهن ڦرندا تہ اهي

فِيْ شِقَاقٍ ۚ فَسَيَكْفِيْكَهُمُ اللّٰهُ ۚ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿١٣٧﴾ ؕ

مخالفت ۾ آهن، پوءِ اجهو پچندو تو پاران انهن سان الله ۽ اهو ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.

جهڳڙي ۾ ئي پوندا. پوءِ سگهو الله توکي انهن (جي شر) کان ڪافي ٿيندو، ۽ اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.

صِبۡغَةَ اللّٰهِ ۚ وَمَنۡ اَحۡسَنُ مِنَ اللّٰهِ صِبۡغَةً ۫ وَّنَحۡنُ

رنگ | الله جو | ۽ | ڪير آهي | ڀلو | الله کان | رنگ ڏيڻ ۾ | ۽ | اسان

الله (پنهنجي دين جي رنگ سان اسان کي) رڱيو آهي ۽ رڱڻ ۾ الله کان وڌيڪ چڱو ڪير آهي؟ ۽ اسين سندس عبادت

لَهٗ عٰبِدُوۡنَ ﴿١٣٨﴾ قُلۡ اَتُحَآجُّوۡنَنَا فِى اللّٰهِ وَهُوَ

ان جي | عبادت ڪندڙ آهيون. | چؤ | ڇا توهان جهڳڙو ڪريو ٿا اسان سان | الله جي باري ۾ | ۽ | اهو

ڪندڙ آهيون. (اي پيغمبر! ڪين) چئو ته، الله (جي دين) بابت اسان سان تڪرار ڪريو ٿا ڇا؟ ۽ (حقيقت ڪري) اهو

رَبُّنَا وَرَبُّكُمۡ ۚ وَلَنَآ اَعۡمَالُنَا وَلَـكُمۡ اَعۡمَالُكُمۡ ۚ

اسان جو رب | ۽ | توهان جو رب آهي | ۽ | اسان لاءِ | آهن اسان جا عمل | ۽ | توهان لاءِ آهن | توهان جا عمل

اسان جو پالڻهار ۽ اوهان جو (به) پالڻهار آهي، ۽ اسان لاءِ اسان جا عمل ۽ اوهان لاءِ اوهان جا ڪرتوت آهن،

وَنَحۡنُ لَهٗ مُخۡلِصُوۡنَ ﴿١٣٩﴾ اَمۡ تَقُوۡلُوۡنَ اِنَّ اِبۡرٰهٖمَ وَاِسۡمٰعِيۡلَ

۽ | اسان | انجا | سچا پانها آهيون. | ڇا | توهان چئو ٿا | ته | ابراهيم | ۽ | اسماعيل

۽ اسين سندس مخلص پانها آهيون. يا چئو ٿا ته، ابراهيم ۽ اسماعيل ۽

وَاِسۡحٰقَ وَيَعۡقُوۡبَ وَالۡاَسۡبَاطَ كَانُوۡا هُوۡدًا اَوۡ نَصٰرٰى ؕ

۽ | اسحاق | ۽ | يعقوب | ۽ | سندن اولاد | هئا | يهودي | يا | عيسائي؟

اسحاق ۽ يعقوب ۽ يعقوب جو اولاد يهودي يا نصاري هئا، (اي پيغمبر! ڪين)

قُلۡ ءَاَنۡتُمۡ اَعۡلَمُ اَمِ اللّٰهُ ؕ وَمَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنۡ

تون چؤ | ڇا | توهان | زياده ڄاڻو ٿا | يا | الله، | ۽ | ڪير | وڌو ظالم آهي | ان کان جو

چئو ته، اوهين وڌيڪ ڄاڻندڙ آهيو يا الله (وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي)؟ ۽ جيڪو اهڙي شاهدي

كَتَمَ شَهَادَةً عِنۡدَهٗ مِنَ اللّٰهِ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ

لڪائي | شاهدي | پاڻ وٽ | الله جي، | ۽ ناهي | الله | بي خبر

لڪائي جا الله طرفان وٽس هجي تنهن کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي؟ ۽ جيڪي ڪندا آهيو

عَمَّا تَعۡمَلُوۡنَ ﴿١٤٠﴾ تِلۡكَ اُمَّةٌ قَدۡ خَلَتۡ ۚ لَهَا مَا كَسَبَتۡ

توهان جي ڪمن کان. | اها | جماعت هئي | جا گذري ويئي، | انهن لاءِ هئي سندن ڪمائي

تنهن کان الله بي خبر نه آهي. اها ٽولي بيشڪ گذري ويئي، جيڪي ڪمايائون سو انهن لاءِ آهي

وَلَكُمۡ مَّا كَسَبۡتُمۡ ۚ وَلَا تُسۡـَٔلُوۡنَ عَمَّا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿١٤١﴾ ع ١٦

۽ | توهان لاءِ آهي | توهان جي ڪمائي، | ۽ | توهان کان پڇا نه ٿيندي | ان جي جيڪي | اهي | ڪندا | هئا.

۽ جيڪي اوهان ڪمايو سو اوهان لاءِ آهي، ۽ جيڪي (اهي) ڪندا هئا تنهن بابت (اوهين) نه پڇيا ويندؤ.

CamScanner



CamScanner